ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) جمعو 09 آڪٽوبر 2026ع 26 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (55)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

# سعودي عرب جي راڄڌاني رياض ۾ زوردار ڌماڪا، حوثين جو ڪنگ خالد هوائي اڏي کي نشانو بڻائڻ جي دعويٰ، ڇڪتاڻ

سعودي عرب ۽ يمن جي حوثين وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ دوران راڄڌاني رياض ۾ ڪيترن ئي ڌماڪن جا آواز ٻڌا ويا، عملي کي سفارتخانن جي عمارتن اندر پناهه وٺڻ جي هدايت

ميزائل جو ملبو لڳڻ سبب هڪ اهڙو ڪامپليڪس نقصان جو شڪار ٿيو، جنهن ۾ ڪنڊر گارٽن ۽ طبي سهولتون موجود هيون. عالمي اسڪولن احتياطي قدم کڻي ورتا

هڪ اسڪول ۾ ٻارن کي حفاظت لاءِ بيسمينٽ ۾ منتقل ڪيو ويو. ڪجهه ڪمپنين پنهنجون آفيسون خالي ڪرائي ڇڏيون: ڪنگ عبدالله فنانشل ڊسٽرڪٽ ۾ ڪم ڪندڙ ملازم

سعودي اختيارين شهرين کي ميزائل ۽ ڊرون حملن بابت ڄاڻ شيئر نه ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي، اهڙي معلومات پکيڙڻ جي صورت ۾ قانوني ڪارروائي ٿي سگهي ٿي: سعودي اختيارين

حوثي گروپ انصارالله رياض جي ڪنگ خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ کي بيلسٽڪ ميزائل سان نشانو بڻايو، ميزائل پنهنجي هدف تي لڳو، جنهن سبب ايئرپورٽ جون سرگرميون متاثر ٿيون: حوثين جي دعويٰ

سعودي عرب جي حمايت يافته فورسز هوم لينڊ شيلڊ فورسز، جائنٽس برگيڊز ۽ گڏيل فوجن ملڪ جي ڪيترن ئي محاذن تي پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪري ڇڏي

شام، جو سعودي عرب جي درخواست تي يمن ۾ لمڪاني فوجي سهڪار جي مختلف آپشنز تي غور، سعودي عرب جي ڪنهن به قسم جي فوجي سهڪار يا مهارت جي متاستا جي درخواست

رياض (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سعودي عرب جي راڄڌاني رياض ۾ ڪيترن ئي ڌماڪن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا، جڏهن ته سفارتڪارن موجب ڪين پنهنجي سفارتخانن جي عمارتن اندر پناهه وٺڻ جي هدايت ڪئي وئي. برطانوي ميڊيا موجب، اها اڳڀرائي سعودي عرب ۽ يمن جي حوثين وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ دوران سامهون آئي آهي. بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته ميزائل جو ملبو لڳڻ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

## اسان ڪنهن ملڪ ۾ حملي لاءِ فوج نه موڪلينداسين: ترڪي

دفاعي معاهدي کي منظوري لاءِ پارليامينٽ ۾ پيش ڪرڻ جون سموريون تياريون مڪمل آهن

معاهدو دفاعي نوعيت جو آهي ۽ ان تحت ڪنهن ٻئي ملڪ تي حملي جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي

انقره (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ترڪي جي پرڏيهي وزير هاڪان فيدان چيو آهي ته مڪو دفاعي معاهدي کي منظوري لاءِ پارليامينٽ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

## صدر آصف زرداري سان وفاقي محتسب نويد ڪامران بلوچ جي ملاقات

عوامي شڪايتن جي فوري ازالي لاءِ ڪوشش کي موثر انداز ۾ اجاگر ڪرڻ جي ضرورت تي زور

وفاقي محتسب 2025ع ۾ رڪارڊ 261101 شڪايتن جو ازالو ڪيو: صدر مملڪت کي آگاهي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري وفاقي محتسب جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي عوامي شڪايتن جي فوري بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

## وزيراعظم سان بحرين جي پرڏيهي وزير جي ملاقات، گڏيل سهڪار تي ڳالهيون

ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا گڏيل قدرن، گڏيل اعتماد ۽ عوامي رابطن تي قائم آهن: شهباز شريف

ملاقات دوران ٻنهي طرفن کان علائقائي ۽ عالمي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان ۽ بحرين جي وچ ۾ ڀرائي ۽ ڀائيچاري لاڳاپن کي ساراهيندي واپار سيڙپڪاري، توانائي ۽ افرادي قوت جي صلاحيت ۾ اضافي سميت مختلف بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

كنهن به پرڏيهي سرزمين کي پاڪستان خلاف استعمال ٿيڻ نه ڏنو ويندو: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار

## پاڪستان ۽ بحرين وچ ۾ واپار وڌائڻ جو هدف، آبناءِ هرمز ۽ باب المندب جي تحفظ تي به اتفاق

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ بحرين جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني اجلاس جي گڏيل صدارت ڪئي

ٻنهي ملڪن گڏيل وزارتي ڪميشن جي ٽئين اجلاس جي پروٽوڪول تي صحيحون ڪيون آهن: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار

واپار ۽ سيڙپڪاري جي واڌ، صنعتي سهڪار، زراعت، اعليٰ تعليم، آءِ ٽي ۽ لاجسٽڪس سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار تي اتفاق ڪيو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ۽ بحرين آبناءِ هرمز ۽ باب المندب سان محفوظ ۽ آزاد سامونڊي اچ وڃ يقيني بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي خيس ڏينهن اسلام آباد ۾ پاڪستان-بحرين گڏيل وزارتي ڪميشن جو ٽيون اجلاس ٿيو جنهن جي گڏيل صدارت پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: آءِ ايم ايف جي مشن چيف ايوا پيٽرووا ناٿي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب سان گڏجاڻي ڪري رهي آهي

## انجنيئر امير مقام پاران 8 آڪٽوبر 2025ع تي پاڪستان ۾ آيل زلزلي جي متاثرن کي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ سيفران واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام 8 آڪٽوبر 2025ع تي پاڪستان ۾ آيل تباهي آڻيندڙ زلزلي جي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

## آءِ ايم ايف پاڪستان لاءِ 1.2 ارب ڊالرن جي مشروط طور منظوري ڏئي ڇڏي

اداري جي عملي پاڪستان لاءِ 2026ع واري چوٿين مشاورتي جائزي جو عمل مڪمل ڪري ورتو

پاڪستان وچ اوڀر جي تڪرار جي اثرن کي منهن ڏيڻ دوران مجموعي معاشي استحڪام برقرار رکيو آهي: آءِ ايم ايف

اسلام آباد (م د) بين الاقوامي مالياتي فنڊ (IMF) ۽ پاڪستان وچ ۾ اسٽاف جي سطح تي هڪ معاهدو طئي ٿي ويو آهي جنهن سان ملڪ لاءِ تقريبن 1.2 ارب ڊالرن بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

## پاڪستاني فضائيه جي جهازن جي حوثين خلاف استعمال جي خبر جعلي

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت ٽيوپارڪ ٽائيمز پاران پاڪ فضائيه جي جهازن کي حوثين جي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

## پاڪستان بحرين سان لاڳاپن کي خصوصي اهميت ڏي ٿو: صدر

خطي ۾ امن لاءِ سمورين ڌرين سان تعميري رابطن جي عزم تي قائم آهيون

پاڪستان بحرين گڏيل وزارتي ڪميشن جو اجلاس انتهائي ڪارائتو رهيو: بحرين جو وزير

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

## اتر وزيرستان ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن، 4 اهم ڪمانڊرن سميت 9 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان جي علائقن پلنگ زئي، ندير ڪوٽ ۽ ڪوٽ حضري ۾ دهشتگردن جي لڪائڻ کي نشانو بڻايو

ڪيترائي ڳجها لڪاڻا مڪمل طور تباهه ٿي ويا، مارجي ويل اهم خارجي ڪمانڊرز ۾ خالد رضا، ڪامران موسيٰ ۽ مفتور شامل

ملڪ دشمن عنصرن ۽ فتنه الخوارج جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروائيون پوري قوت سان جاري رهنديون: سيڪيورٽي عملدار

راولپنڊي (اي پي پي) خيبرپختونخوا ۾ "عزم استحڪام" ويزن تحت سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ۾ فتنه الخوارج خلاف پرپور ۽ اثرائتيون ڪارروائيون ڪندي 4 اهم ڪمانڊرز سميت 9 دهشتگردن کي جهنم بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

## خصوصي عدالت، جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس جي ٻڌڻي 22 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

راولپنڊي (اي پي پي) دهشتگردي ٽوڙ بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

## زرعي شعبي جي ترقي اولين ترجيح آهي: راڻا تنوير

قومي سلامتي سنڌي ريت فوڊ سيڪيورٽي سان ڳنڍيل آهي

عالمي طور ڪاريان خارج ڪرڻ ۾ پاڪستان جو حصو تمام گهٽ آهي

لاهور (اي پي پي) غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وفاقي وزير راڻا تنوير حسين چيو آهي ته فوڊ سيڪيورٽي انتهائي اهم شعبو آهي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

## غربت جي خاتمي لاءِ مالي سهولتن کي ماڻهن جي حقيقي ضرورتن سان ڳنڍڻو پوندو: وڏو وزير

مالي ادارا ڳوٺاڻن گهرن، هارين ۽ ننڍن ڪاروبارن جي ضرورتن مطابق پروڊڪٽس تيار ڪن

پيپلز پاورٽي ريڊڪشن پروگرام تحت عورتن لاءِ بغير وياج جي فنڊ ۽ گهرن لاءِ سهڪار ڪيو پيو وڃي

سنڌ پيپلز هائوسنگ پروگرام تحت 5 لک کان وڌيڪ گهر مڪمل ۽ 12 لک اڏاوت هيٺ آهن

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خميس ڏينهن ڪلائنٽ-سينٽرڪ ۽ جدت تي ٻڌل مالي شموليت جي هڪ نئين دور جي ضرورت تي زور ڏنو آهي هن پاليسي سازن، مالي ادارن، ريگيوليٽرز ۽ ترقياتي پائيوارن تي زور ڀريو ته اهي رڳو سالياتي پهچ کي وڌائڻ تائين محدود نه رهن پر اهڙيون پروڊڪٽس بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سالياتي مائيڪرو فنانس ڪارپوريشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

## گهرو وزير پاران ڪراچي ۾ خطرناڪ ڌاڙيل مارڻ ۽ سندس ساٿي گرفتار ڪرڻ تي پوليس کي شاباس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار ڪورنگي ۾ پوليس مقابلي دوران خطرناڪ ڌاڙيل جي مارجي وڃڻ ۽ سندس ساٿين جي گرفتاري تي پي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

## سنڌ ۽ ترڪي وچ ۾ تعليم، صحت ۽ روزگار سميت مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جو فيصلو

وڏي وزير مراد علي شاهه سان ٽيڪا جي اعليٰ سطحي وفد جي ملاقات ڪري مختلف منصوبن جو جائزو ورتو

رڪشا ايمپلائمينٽ پروگرام ذريعي گهٽ آمدني وارن خاندانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا

سنڌ جي 200 کان وڌيڪ ڪاليجن ۾ ڊجيٽل سکيا ۽ فڪلٽي ڊولپمينٽ ۾ ترڪي کان سهڪار وٺڻ تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خميس ڏينهن تعليم، صحت، ثقافت، آفتن کي منهن ڏيڻ ۽ ڪميونٽي ڊولپمينٽ ۾ ترڪيءَ سان تعاون کي مضبوط ڪرڻ جي سنڌ جي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

## مشهور ڀارتي اداڪار نانا پاٽيڪر لاڏاڻو ڪري ويو

ڊرناپائولا ۾ پنهنجي گهر ۾ موجود نانا پاٽيڪر سيني ۾ سور جي شڪايت ڪئي

ڪيس اسپتال پهچايو ويو، سندس دل جي ڌڙڪن بحال نه ٿي سگهي، بعد موت جي تصديق ڪئي

نانا پاٽيڪر جو اصلي نالو وشوانات پاٽيڪر هو ۽ هو پهرين جنوري 1951ع تي پيدا ٿيو

گوا (م د) هندي ۽ مراٺي سينما جو مشهور اداڪار نانا پاٽيڪر خميس تي صبح جو 75 سالن جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪري ويو پرڏيهي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ٻالي ووڊ جو عظيم اداڪار نانا پاٽيڪر جيڪو لاڏاڻو ڪري ويو

## نانا پاٽيڪر اڌ صدي تائين هندي ۽ مراٺي فلمن ۾ ڪم ڪيو ۽ قومي ايوارڊ حاصل ڪيا

گوا: نانا پاٽيڪر پنهنجي فني سفر جي شروعات ٿيٽر سان ڪئي هن اڪيل اڌ بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

فرانس: پاڪستان جي سفير ممتاز زهره بلوچ تقريب ۾ ڳالهائي رهي آهي

## خيبرپختونخوا حڪومت ۽ پي ٽي آءِ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ حصو وٺڻ نٿيون چاهين: وفاقي حڪومت

قوم کي دهشتگردي خلاف جنگ وڙهڻي آهي، پي ٽي آءِ ۽ عمران خان جي سڄي سياست نفرت تي ٻڌل رهي آهي

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته صوبائي حڪومت، وفاقي حڪومت ۽ سيڪيورٽي ادارا گڏجي هن جنگ جو مقابلو ڪن

صوبي ۾ سيڪيورٽي ڍانچي کي گهربل وسيلا فراهم نه ڪيا وڃن ته رياست دهشتگردي خلاف جنگ کي ڪيئن اڳتي وڌائي سگهندي: بلال اظهر ڪياني

اسلام آباد (اي پي پي) ناٿي ۽ محصولن واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني چيو آهي ته دهشتگردي خلاف جنگ پوري قوم جي جنگ آهي ملڪ جي دفاع ۽ شهرين جي جانين کان وڌيڪ ڪجهه به اهم ناهي بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي سميت سنڌ کي پيهر لعصب جي باهه ۾ ڌڪڻ جي سازش ٿي پئي: سعيد غني

ماضي ۾ پختون، سنڌي، پنجابي يا اردو ڳالهائڻ جي بنياد تي ماڻهن جون جانيون ورتيون ويون

شهر ۽ صوبي جي ترقي لاءِ امن امان لازمي آهي، سياسي دڪان چمڪائڻ لاءِ نفرت کي هٿي نه ڏني وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، انساني وسيلن ۽ سماجي تحفظ واري وزير سعيد غني چيو آهي ته ڪجهه ماڻهو بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

گهوٽڪي: زخمي ٿيڻ بعد اسپتال آندل شخص جيڪو فوت ٿي ويو

## پي ٽي آءِ جو لانگ مارچ عوام جي ذهنن سان دهشتگردي برابر آهي: ناصر شاهه

پي ٽي آءِ جي هر ريلي پرتشدد، انتشار ۽ تشدد واري سياست سندن عادت بڻجي چڪي آهي

پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه پرتشدد سياست جي مخالفت ۽ مذمت ڪئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مڪاني حڪومت، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته پي بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ سنڌ جي برک صحافي شيخ عزيز جي اڄ اٺين ورسي ملهائي ويندي

پريس ڪلب ۾ ٿيندڙ تقريب جي صدارت اڳوڻو سينيٽر وزير تعليم پير مظهرالحق ڪندو

قاضي اسد عابد، مهتاب اڪبر راشدي، محمود شام، مظهر عباس، فاضل جميلي ۽ ٻيا شريڪ ٿيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي برک صحافي شيخ عزيز جي اٺين ورسي اڄ ڪراچي پريس ڪلب ۾ ملهائي ويندي بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

## وڏي وزير پاران اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب آپريشن تي خراج تحسين پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اتر وزيرستان ۾ بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ پوليس مقابلا، هڪ ڦورو مارجي ويو، 5 زخمين سميت 7 جوابدار گرفتار

عرفاني ڳوٺ ۾ مقابلي دوران هڪ جوابدار مارجي ويو، ٽن زخمين سميت چار جوابدار سو گهيا

گرفتار جوابدارن وٽان 3 پستول، 10 لک ساڍا 6 هزار رپيا، موبائيل فون ۽ موٽرسائيڪلون هٿ آيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس سان مبينا مقابلي دوران هڪ ڌڙهاري مارجي ويو 5 زخمين سميت 7 بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

## پ پ چيئرمين پاران مخدوم پير عارف زمان قريشي جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سينيئر سياستدان ۽ پنجاب اسيمبلي جي بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ايئرپورٽ ويجهو پوليس اهلڪار جي فائرنگ ۾ مبينا ڦورو مارجي ويو

ٽن ڦورن پاران شهري کان موٽرسائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش دوران پوليس اهلڪار مزاحمت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ڊجيٽل پاڪستان جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي رهي آهي

## انتونيوگوتريس جي گهرو وزارت آمد، محسن نقوي سان اهم ملاقات

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيوگوتريس گهرو وزارت جو دورو ڪيو

عالمي ۽ علائقائي سلامتي جي صورتحال ۽ گڏيل قومن جي امن مشن تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيوگوتريس گهرو وزارت جو دورو ڪيو جتي هن وفاقي وزير بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

## ڪرشن شرما، ڪلپنا ديوي، اجيه ڪمار ۽ سردار تارا سنگهه اوڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ جا ميمبر مقرر

ڊاڪٽر سريا پرڪاش، مهيپال سنگهه، سردار سرجيت سنگهه ڪنول ۽ سنوٽ ڪور کي پڻ ميمبر مقرر ڪيو ويو

اختيار ولي خان، ايڊووڪيٽ علي رضا، من ميت ڪور مشعال ۽ ٻيا پڻ ٽن سالن لاءِ ميمبر هوندا

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) وفاقي حڪومت جي مذهبي معاملن ۽ بين المذاهب هم آهنگي واري وزارت پاران هڪ نوٽيفڪيشن بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

## سکر کي جديد، صاف، سرسبز ۽ موسمياتي تبديلين کان محفوظ شهر بڻايو ويندو: بلاول ڀٽو

ميئر ارسلان شيخ پ پ چيئرمين سان ملاقات ڪري ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

موسمياتي تحفظ، اربن فاريسٽري، پاڻي بچاءُ ۽ ماحول دوست انفراسٽرڪچر کي ترجيح ڏيڻ تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ميئر سکر ۽ ترجمان سنڌ حڪومت بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ اهم ملاقات ڪئي، جنهن ۾ سکر جي جاري ۽ تجويز ڪيل بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان اسپيڪر اويس قادر شاهه ۽ ميئر ارسلان شيخ ملاقات ڪري رهيو آهي

## پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ فريال ٽالپر سان مختلف اڳواڻن جون ملاقاتون

ايم اين اي اعجاز جکراڻي، اسپيڪر اويس قادر شاهه ايم پي اي فياض ٻٽ ارباب وزير ميمڻ ملاقات ڪئي

ايم پي اي زبير جوڻيجو، ايم اين اي صادق ميمڻ، مسرت رفيق مهيسر، جنيد بلند ڏار ڏار ملاقاتون ڪيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ پيپلزپارٽي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

## سنڌ فارينزڪ سائنس ليبارٽري جي تعمير 85 سيڪڙو مڪمل ٿي وئي آهي: گهرو وزير

بن قاسم ۾ 30 ايڪڙن تي قائم ٿيندڙ ليبارٽري ۾ 14 جديد فارينزڪ شعبا قائم ڪيا ويندا

جديد فارينزڪ سهولتون فوجداري انصاف ۽ استغاثا نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائينديون: ضياءالحسن لنجار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءالحسن لنجار بن قاسم ديهه جوريجي ۾ 30 ايڪڙن تي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

## آءِ جي سنڌ پاران منشيات ۽ گٽڪا ماوا مافيا خلاف ڪارروائيون تيز ڪرڻ جو حڪم

آن لائن منشيات فروشن خلاف جديد ٽيڪنالاجي سان ڪارروائي ۽ مضبوط ڪيس داخل ڪرڻ جي هدايت

عورتن ۽ ٻارن تي تشدد، جنسي هراسان ڪرڻ ۽ زيادتي خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تي عمل جو عزم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ صوبي ۾ منشيات ۽ گٽڪا ماوا مافيا خلاف پوليس بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت ۾ منشيات ۽ گٽڪا مافيا خلاف ڪارروائي بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

## رت جو عطيو انسانيت جي خدمت جو بهترين ذريعو آهي: سلمان عبدالله مراد

ڪي ايم سي بلڊنگ ۾ ڪيمپ دوران پ پ ڪارڪنن ۽ ملازمن رضاڪاراڻي طور رت جو عطيو ڏنو

حادثن، آپريشن ۽ ٿيليسيميا جي مريضن لاءِ رت جو عطيو زندگي جي اميد بڻجي سگهي ٿو: ڊپٽي ميئر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ بي بي شهيد بلڊ بئنڪ پاڪستان جي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي جي شهرين جا بلدياتي مسئلا 24 ڪلاڪن اندر حل ڪيا وڃن: مرتضيٰ وهاب

ميئر جي ڪي ايم سي ڪچهري ۾ شهرين پاران صفائي، روڊن، پاڻي ۽ نيڪال جون شڪايتون پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب شهرين کي بلدياتي مسئلن جي حل لاءِ سڌي ريت رسائي فراهم ڪرڻ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

## سنڌ ۾ ڪپهه جي پيداوار گهٽجڻ سبب 900 فيڪٽريون بند ٿي وڃڻ آهن: پرير چند ڪوهستاني

ڪراچي ڪاٽن ايسوسيئيشن پاران ورلڊ ڪاٽن ڊي جي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي

ڪاٽن انڊسٽري جي مضبوطي لاءِ آبادگار، جنرز، واپاري ۽ حڪومت کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي: عاطف داد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ورلڊ ڪاٽن ڊي جي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڪراچي ڪاٽن ايسوسيئيشن جي تقريب ۾ اڳواڻ ويٺل آهن

## ڊجيٽل نيشن پاڪستان جو مقصد شهرين لاءِ موثر ۽ آسان خدمتن کي يقيني بڻائڻ آهي: وزيراعظم

وزيراعظم جي صدارت ۾ وفاقي وزارتن ۾ ڊجيٽل نيشن پاڪستان پروگرام کي لاڳو ڪرڻ تي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ بابت اجلاس ٿيو

مستحق طبقي جي لاءِ فيول سبسڊي اسڪيم جي ڪامياب عملدرآمد ۾ ادارن ۾ آنگن اڪرن جي وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي: شهباز شريف

ڊجيٽل حڪومتي خدمتن، ڊجيٽل معيشت ۽ ڊجيٽل عوامي سهولت جهڙن مقصدن جي تڪميل جي لاءِ خصوصي قدم کنيا پيا

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته ڊجيٽل نيشن پاڪستان جو مقصد شهرين لاءِ موثر ۽ آسان خدمتن کي يقيني بڻائڻ آهي. مستحق طبقي جي لاءِ فيول سبسڊي اسڪيم جي ڪامياب عملدرآمد ۾ ادارن جي وچ ۾ آنگن اڪرن جي وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ڊجيٽل نيشن پاڪستان جي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

## سنڌ ۾ نيون عمارتون زلزلي کان محفوظ قانونن سان مشروط ڪنداسين: مراد علي شاهه

وڏي وزير پاران 8 آڪٽوبر واري زلزلي ۾ فوت ٿيلن جي ورسي تي وارثن سان همدردي جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

## نواز ليگ ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ قانونسازي تي ڊيڊلاڪ ختم، 30 بلن جي منظوري تي اتفاق

مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ قانونسازي جي معاملن تي ڊيڊلاڪ ختم، سمورين پارٽين کي نمائندگي ڏني ويندي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مسلم ليگ ن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي وچ ۾ قانونسازي جي معاملن تي ڊيڊلاڪ ختم ٿي ويو آهي پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ ن وچ ۾ چونڊ سڌارن بابت پارليامانِي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

## اڳوڻو ايڊيشنل اٽارني جنرل راڻا اسد الله خان وفاقي سروس ٽربيونل جو چيئرمين ۽ ميمبر مقرر

اسلام آباد (اي پي پي) اڳوڻي ايڊيشنل بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

## صدر مملڪت کي گذريل ٻن سالن دوران 6 هزار کان وڌيڪ درخواستن کي اڪلائڻ بابت رپورٽ پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: تعليم واري صوبائي وزير سردار شاهه جي صدارت ۾ تعليمي نظام بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

## سنڌ حڪومت شنگهائي ۾ سيڙپڪاري ڪانفرنس ڪرائيندي، نوجوانن کي روزگار جا موقعا ملندا: شرجيل ميمڻ

وڏي وزير جي سربراهي ۾ اعليٰ سطحي وفد 15 آڪٽوبر تي ٿيندڙ ڪانفرنس جي سلسلي ۾ چين ويندو

چين جي سهڪار سان سيڙپڪاري ملڪي ترقي لاءِ اهم آهي، سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون

ٿرڪول پاڪستان لاءِ گيم چينجر بڻجي چڪو، بجلي پيداوار جو 14 سيڪڙو ٿر جي ڪوئلي مان حاصل ٿئي پيو

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت 15 آڪٽوبر تي شنگهائي ۾ سيڙپڪاري بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

## ڪراچي جا 1133 سرڪاري اسڪول اي ايم اوز حوالي ڪيا ويندا: سردار شاهه

شهر جا 838 اسڪول ايس ايس اي آءِ پي ۽ 295 سليڪٽ منصوبي تحت اي ايم اوز حوالي ٿيندا

نجي شعبي جي تجربي سان ڏورانهن علائقن جي ٻارن کي معياري تعليم ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه جي صدارت هيٺ ايجوڪيشن مينيجمينٽ آرگنائيزيشنز بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

## سنڌ ۾ ٻوڏ جي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ نئون منصوبو شروع ڪيو ويندو: جام خان شورو

2022ع جي ٻوڏ ۾ سنڌ جا 1.46 ڪروڙ ماڻهو متاثر ٿيا ۽ 9.1 ارب ڊالرن جو نقصان ٿيو

مستقبل ۾ ٻوڏ ۽ موسمي خطرن کان ٻهراڙين ۽ شهرن جي بنيادي ڍانچي کي به محفوظ بڻايو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آبپاشي، زراعت ۽ ترقي کاتي واري صوبائي وزير جام خان شورو جي صدارت هيٺ آرڪائيوز بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

## بحرين جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني جو پرڏيهي آفيس پهچڻ تي نائب وزيراعظم اسحاق ڊار استقبال ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) بحرين جو پرڏيهي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ گاڏي جي ٽڪر ۾ واٽهڙو فوت، ڊفينس مان اڻڄاتل شخص جو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان ترڪ ڪوآپريشن ۽ ڪوآرڊينيشن جو نائب صدر ڊاڪٽر علي ارڪان ملاقات ڪري رهيو آهي

## اڪائونٽنٽ جنرل پاڪستان جي روينيو جي پي آءِ او سان ملاقات، ميڊيا جون رقمون جلد ادا ڪرڻ جي خاطري

اي جي پي آر ميڊيا هائوسز کي ادائيگيون جلد کان جلد ۽ وقت سر جاري ڪرڻ جي لاءِ هر ممڪن تعاون جي لاءِ پوري طرح پرعزم آهي: نثار چيما

نثار چيما ميڊيا هائوسز جي ادائيگين جي جاري عمل جو جائزو وٺڻ لاءِ پي آءِ ڊي اسلام آباد جي ڊيلي آفيس (ايس او سي) جو پڻ دورو ڪيو

ميڊيا ادائيگين جي وقت سر فراهمي کي آسان بڻائڻ جي لاءِ سمورن لاڳاپيل آفيسرن ۽ عملي جي تعاون ۽ رابطن جي پڻ واکاڻ

اسلام آباد (اي پي پي) اڪائونٽنٽ جنرل پاڪستان روينيو (اي جي پي آر) نثار احمد چيما پي آءِ ڊي ۾ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جنرل/ پرنسپل انفارميشن آفيسر (پي آءِ او) رئيس عادل سان ملاقات بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اروشا: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني بنگلاديش جي سينيٽر جشارت اديب چوڌري سان ملي رهيو آهي

## ڪراچي ۾ عمارت جو ڇڄو ڪرڻ سبب هڪ ڄڻو فوت، هڪ سخت زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رنڇوڙ لائن ۾ عمارت جو ڇڄو ڪرڻ سبب هڪ ڄڻو فوت، هڪ ڄڻو سخت زخمي، ڪراچي جي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ زال تي تيزاب هارڻ واري ڪيس ۾ متاثر عورت جوابدار بلال جي سڃاڻپ ڪري ورتي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) زال تي تيزاب هارڻ واري ڪيس ۾ متاثر عورت پاران جوابدار جي سڃاڻپ ڪراچي جي جوڊيشل بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

## منگهوپير جي سرڪاري اسڪولن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا: نواز علي بروهي

ٽائون چيئرمين پاران محمد حسين بروهي سيڪنڊري اسڪول جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو ويو

تعليم ۽ صحت بنيادي ترجيحون آهن، ٻارن جي مستقبل تي ڪابه غفلت برداشت نه ڪندي: چناءِ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي تعليم کاتي جي ڊائريڪٽر بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ امتحاني معاوضي جي ادائيگي نه ٿيڻ خلاف سائنس استادن جو احتجاج

استادن پاران جي پريڪٽيڪل پيپر چيڪنگ ۽ اسيسمينٽ جا رهيل معاوضا هفتي اندر ادا ڪرڻ جو مطالبو

امتحاني ذميوارين جي ورڇ ۾ مبينا غير مساوي رويو ختم ڪري شفافيت آڻڻ جي گهر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنمينٽ سپيريئر سائنس ڪاليج ڪراچي ۾ شهر جي مختلف ڪاليجن سان تعلق رکندڙ سائنس جي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

## مير رضا ڪيس ۾ معلومات فراهم ڪرڻ تي هڪ لک رپيا انعام واري آڇ واپس

جوڊيشل ڪميشن جي ڪارروائي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ڪميشن جي اي ميل ۽ واٽس ايپ به بند

ڪميشن سربراهه جسٽس عمر سيال پاران شاهدن، وڪيلن، پوليس ۽ ميڊيا جي سهڪار جي واکاڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مير رضا ڪيس جي جاچ لاءِ قائم جوڊيشل ڪميشن جي ڪارروائي مڪمل ٿي وئي، جنهن ڪانپوءِ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

## مير رضا قتل ڪيس ۾ پوليس جاچ ۽ شاهدين بابت سوال ڳڻتي جوڳا آهن: حليم عادل شيخ

قتل ڪيس ۾ غفلت يا شاهدين جي ضايع ٿيڻ بابت الزامن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي

سنڌ حڪومت ذميوار آفيسرن خلاف شفاف جاچ ۽ قانون موجب ڪارروائي يقيني بڻائي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو آهي ته ڪراچي ۾ مير رضا علي جي قتل ڪيس جي جاچ دوران پوليس جي تحقيقات ۽ شاهدين بابت اٿندڙ سوال انتهائي ڳڻتي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سال (18) جمعو 09 آڪٽوبر 2026ع 26 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (18)

**بقايا 1 روزاني عبرت**

۽ پيش ڪرڻ جون سموريون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن. ترڪ ميڊيا موجب، هاڪان فيدان هڪ پيرو بيهر واضح ڪيو آهي ته اهو معاهدو دفاعي نوعيت جو آهي ۽ ان تحت ڪنهن ٻئي ملڪ تي حملي جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي. خميس ڏينهن انقرا ۾ هنگري جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي معاملن واري وزير اينتا اوربان سان گڏيل پريس ڪانفرنس دوران هاڪان فيدان چيو ته "معاهدي کي پارليامينٽ ۾ پيش ڪرڻ لاءِ گهربل سمورو ڪم مڪمل ڪيو ويو آهي". هن چيو ته معاهدي تحت جيڪڏهن معاهدي تي صحيح ڪندڙ ملڪن مان ڪنهن هڪ تي حملو ٿئي ٿو ته پيون ٻئي ڌريون ان جي دفاع ۾ ساڻس گڏ بيهنديون. سندس چوڻ هو ته هي جارحاڻي نه پر دفاعي معاهدو آهي. هاڪان فيدان وضاحت ڪندي چيو ته هن معاهدي تحت ترڪي تي اهو لازم ناهي ته هو پنهنجي فوجي دستن کي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ جارحاڻي ڪاروائين لاءِ مقرر ڪري. روس ۽ يوڪرين وچ ۾ جاري جنگ بابت ڳالهائيندي هاڪان فيدان خبردار ڪيو ته ان تڪرار کي ڪاري سمنڊ تائين پکڙڻ نه ڏيڻ گهرجي. هن چيو "اسان کي ڪاري سمنڊ کي تڪرار جي نئين محاذ ۾ تبديل ٿيڻ جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي".

**بقايا 2 روزاني عبرت**

ازالي جي لاءِ ڪئي ويندڙ ڪوشش کي موثر انداز ۾ اجاگر ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي ته جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو ان جي خدمتن مان فائدو ڪڻي سگهن. صدر آصف علي زرداري سان وفاقي محتسب نويد ڪامران بلوچ خميس ڏينهن هتي ايوان صدر ۾ ملاقات ڪئي جنهن ۾ هن صدر کي سال 2025ع جي ساليانو رپورٽ پيش ڪئي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وفاقي محتسب صدر کي اداري جي ڪارڪردگي ۽ عوام کي انتظامي انصاف تائين پهچ بهتر بڻائڻ جي لاءِ کنيل قدمن کان آگاهه ڪندي ٻڌايو ته وفاقي محتسب 2025ع ۾ رڪارڊ 261101 شڪايتن جو ازالو ڪيو.

**بقايا 3 روزاني عبرت**

شعبن ۾ تعاون وڌيڪ وڌائڻ جي پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف سان بحرين جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني خميس ڏينهن هتي ملاقات ڪئي، هو پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سان گڏجي پاڪستان ۽ بحرين جي وچ ۾ گڏيل وزارتي ڪميشن (جي ايم سي) جي ٽئين اجلاس جي گڏيل صدارت جي لاءِ پاڪستان آيل آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم بحريني پرڏيهي وزير جي آجيان ڪندي بحرين جي قيادت ۽ عوام جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. هن پاڪستان ۽ بحرين جي وچ ۾ پراڻي ۽ پائيدار لاڳاپن کي ساراهيندي چيو ته ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا گڏيل قدرن، گڏيل اعتماد ۽ عوامي رابطن تي قائم آهن.

**بقايا 4 روزاني عبرت**

سبب هڪ اهڙو ڪامپليڪس نقصان جو شڪار ٿيو جنهن ۾ ڪنڊر گارڊن ۽ طبي سهولتون موجود هيون. پرڏيهي ميڊيا سان ڳالهائيندي مقامي رهواسين ٻڌايو ته عالمي اسڪولن احتياطي قدم کنيا آهن جڏهن ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ اسڪول ۾ ٻارن کي حفاظت لاءِ بيسمينٽ ۾ منتقل ڪيو ويو. ڪنگ عبدالله فنانشل ڊسٽرڪٽ ۾ ڪم ڪندڙ ٻن ماڻهن ٻڌايو ته ڪجهه ڪمپنين پنهنجون آفيسون خالي ڪرائي ڇڏيون. برطانوي ميڊيا موجب، رياض ۾ موجود "نيويارڪ ٽائمز" جي هڪ رپورٽر پڻ ٻڌايو ته هن ٿوري وقفي دوران هڪ کان وڌيڪ ڌماڪن جا آواز ٻڌا. پرڏيهي ميڊيا موجب، سعودي اختيارين شهرين کي ميزائل ۽ ڊرون حملن بابت چاڻ شيئر نه ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي ۽ خبردار ڪيو آهي ته اهڙي معلومات پکيڙڻ جي صورت ۾ قانوني ڪارروائي ٿي سگهي ٿي. برطانوي ميڊيا موجب، حوثي گروپ انصارالله خميس ڏينهن دعويٰ ڪئي ته هن رياض جي ڪنگ خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ کي بيلسٽڪ ميزائل سان نشانو بڻايو آهي. حوثين جو چوڻ آهي ته ميزائل پنهنجي هدف کي نشانو بڻايو.

**بقايا 5 روزاني عبرت**

تحت قومي سطح جو مرڪزي ڊيٽا سينٽر حڪومتي خدمتن ۽ شهري سهولتن پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. خميس جي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ وفاقي وزارتن ۾ ڊجيٽل نيشن پاڪستان پروگرام کي لاڳو ڪرڻ تي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ بابت اجلاس منعقد ٿيو. مختلف وفاقي وزارتن پنهنجي عوامي خدمتن، ڪارڪردگي ۽ لاڳاپيل انگن اکرن جي مرڪزي ڊيٽا سينٽر ۾ فراهمي تي بريفنگ ڏني. صحت واري وفاقي وزارت سان لاڳاپيل انگن اکرن جي مرڪزي ڊيٽا سينٽر ۾ فراهمي ۽ ڊوائن جي معيار جي تصديق ۾ ڊجيٽلائيزيشن جي استعمال تي خصوصي بريفنگ ڏني وئي. وزيراعظم هدايت ڪئي ته سڀئي وفاقي وزارتون لاڳاپيل انگن اکرن جي قومي ڊجيٽل پليٽ فارم تي فراهمي جي لاءِ بروقت ضروري قدم مڪمل ڪن. وزيراعظم چيو ته ڊجيٽل نيشن پاڪستان تحت قومي سطح جو مرڪزي ڊيٽا سينٽر حڪومتي خدمتن ۽ شهري سهولتون پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. وفاقي وزارتن جون ذميواريون ڪارڪردگي ۽ لاڳاپيل ڊيٽا جي مرڪزي ڊيٽا سينٽر ۾ فراهمي حڪومتي نظام کي جديد دور سان هم آهنگ ڪندو. ڊجيٽل نيشن پاڪستان جو مقصد حقيقت ۾ قومي سطح تي شهرين لاءِ موثر ۽ آسان سهولتون يقيني بڻائڻ آهي.

**بقايا 6 روزاني عبرت**

سيد مراد علي شاهه 8 آڪٽوبر 2005ع جي تباهه ڪندڙ زلزلي ۾ فوت ٿيل ماڻهن جي ورسي تي سندن وارثن سان دلي همدردي ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. وڏي وزير چيو ته 8 آڪٽوبر رڳو هڪ يادگار ڏينهن ناهي، پر ماحولياتي تبديلين خلاف بيدار ٿيڻ جو ڏينهن پڻ آهي هي ڏينهن اسان کي قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ مستقل تياري ۽ قومي يڪجهتي جي ياد ڏياري ٿو. سيد مراد علي شاهه چيو ته زلزلي ۽ ٻوڏ جهڙين آفتن جو مقابلو بهتر منصوبابندي ۽ مضبوط بنيادي ڍانچي سان ئي ممڪن آهي. صوبي ۾ نئين عمارتن جي تعمير کي زلزلي کان محفوظ قانونن سان مشروط ڪيو ويندو.

**بقايا 7 روزاني عبرت**

ڪميٽي جي جوڙجڪ تي اتفاق ٿي ويو آهي. چوندڙ سڌارن واري ڪميٽي جي چيئرمين شپ پيپلز پارٽي کي ڏيڻ تي اتفاق ٿيو آهي. جڏهن ته ڪميٽي ۾ پارليامينٽ ۾ موجود سموريون پارٽين کي نمائندگي ڏني ويندي. مسلم ليگ ن ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ آءِ ايم ايف جي شرطن تي ٻڌل بلن سميت 30 مختلف بلن جي منظوري تي پڻ اتفاق ٿي ويو آهي.

**بقايا 8 روزاني عبرت**

اٽارني جنرل پاڪستان راڻا اسد الله خان کي وفاقي سروس ٽريبونل جو چيئرمين ۽ ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي. قانون ۽ انصاف واري وزارت پاران جاري نوٽيفڪيشن موجب صدر آصف علي زرداري راڻا اسد الله خان جي بطور چيئرمين ۽ ميمبر وفاقي سروس ٽريبونل مقرري جي منظوري ڏني.

**بقايا 9 روزاني عبرت**

زرداري کي گذريل ٻن سالن دوران 6 هزار کان وڌيڪ درخواستن کي اڪلائڻ بابت رپورٽ پيش ڪئي وئي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب خميس ڏينهن صدر آصف علي زرداري کي جسٽس عرفان قادر ڪنسلٽنٽ (قانوني معاملا) 2024ع کان 2026ع دوران 6 هزار کان وڌيڪ درخواستن کي اڪلائڻ بابت ايوان صدر ۾ رپورٽ پيش ڪئي. رپورٽ موجب 6 هزار کان وڌيڪ درخواستن جو فيصلو ڪيو ويو جيڪو درخواستن جي طريقيڪار جي تاريخ ۾ هڪ رڪارڊ آهي. صدر کي ٻڌايو ويو ته ان عمل ۾ شفافيت تي به خاص ڌيان ڏنو ويو جڏهن ته اڪثر ڪيسن ۾ لاڳاپيل ڌرين جي موجودگي ۾ فيصلا ٻڌايا ويا. سينيٽر سليم مانڊوي والا پڻ ملاقات دوران موجود هو.

**بقايا 10 روزاني عبرت**

ڪانفرنس منعقد ڪرڻ وڃي رهي آهي. سنڌ جي وڏي وزير جي سربراهي ۾ اعليٰ سطحي وفد چين روانو ٿي رهيو آهي. هن دوري دوران بي ٽو بي ۽ جي ٽو جي سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون. هن چيو ته پاڪستان ۾ چين جي سهڪار سان سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ سان نوجوانن لاءِ نوان موقعا پيدا ٿيندا ۽ روزگار جا موقعا ميسر ٿيندا. پاڪستان ۾ ترقي سدائين اسان جي اوليت رهي آهي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي هن چيو ته ڪراچي ۽ اسلام آباد کان پوءِ هاڻي اسان سنڌ ويزن جو ڪيون ايونٽ سکر ۾ ڪرائڻ وڃي رهيا آهيون جنهن ۾ مختلف مڪتبءِ فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن قومي ۽ بين الاقوامي صحافين سفارتڪارن سميت ٻين ماڻهن کي دعوت ڏني ويندي. اطلاعات کاتي تحت ٿيندڙ هن ايونٽ ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري به شرڪت ڪندو. نومبر جي آخر ۾ هي پروگرام ٿيڻ وڃي رهيو آهي.

**بقايا 11 روزاني عبرت**

(اي ايم اوز) جي نمائندن سان اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ سنڌ حڪومت جي سرڪاري اسڪولن جي انتظام ۾ نجي شعبي جي شموليت ۽ پائيواري جي مختلف پاسن تي غور ڪيو ويو. اجلاس ۾ وڏي وزير جي خاص معاون قاسم نويد قمر چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي سيڪريٽري زاهد عباسي، ڊائريڪٽر جنرل پي پي پي يونٽ اسد ضامن، چيف پروگرام مينيجر ڊاڪٽر جنيد سمون، سينيئر ڊائريڪٽر پي پي پي نوڊ ياسين قربان ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي جڏهن ته اي ايم اوز نجي اسڪولن جي انتظاميا، اين جي اوز سنڌ جي تعليم سان لاڳاپيل آپريٽرز ۽ غير رسمي تعليم جي نمائندن پڻ موجود هئا. اجلاس کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته سنڌ جا 1133 نوان ۽ اپ گريڊ ٿيل سرڪاري اسڪول ايجوڪيشن مينيجمينٽ آرگنائيزيشنز سان پائيواري لاءِ تيار آهن جن مان ايس ايس اي آءِ پي تحت 838 ۽ سليڪٽ منصوبي تحت 295 اسڪول شامل آهن. عالمي بئنڪ ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي سهڪار سان تعمير ٿيل اهي اسڪول سنڌ جي 19 ضلعن ۾ جديد ۽ مڪمل سهولتن سان ليس ڪيمپسز تي ٻڌل آهن. تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه چيو ته سرڪاري نظام اڪيلو سمورو بار نٿو کڻي سگهي سماج جي شموليت سان تعليمي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ٿو حڪومت اڪيلي هر چئلينج جو حل نٿي ڪڍي سگهي، تنهن ڪري تعليم جي شعبي ۾ مهارت ۽ تجربو رکندڙ ماڻهن کي گڏ ڪئي هلڻو پوندو. هن چيو ته اي ايم اوز کي اسڪولن جي انتظام، تعليمي نتيجن ۽ مقرر ڪيل ڪارڪردگي جا هدف حاصل ڪرڻ جي ذميواري ڏني ويندي. نجي شعبي سان پائيواري جو بنيادي مقصد سنڌ جي ڏورانهن علائقن جي ٻارن کي معياري تعليم فراهم ڪرڻ آهي. سيد سردار علي شاهه موجب سنڌ ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت هلندڙ مختلف ماڊلز بهتر نتيجن سان ڪم ڪري رهيا آهن. هر اسڪول لاءِ اوپن ۽ مقابلي واري ريڪويسٽ فار پروپوزل ذريعي شفاف طريقيڪار اختيار ڪيو ويندو جڏهن ته اي ايم او ماڊل ۾ اسڪولن جي ڪارڪردگي جي آزاد ماهرن ۽ آڊيٽرز ذريعي تصديق جو نظام پڻ شامل هوندو. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته سنڌ جي 1133 اسڪولن جي مرحليوار حوالگي جو عمل ڊسمبر 2026ع کان ڊسمبر 2027ع تائين مڪمل ڪيو ويندو. نون اسڪولن ۾ ڪلاس رومز فرنيچر سائنس ليبارٽريون ڊجيٽل لائبريري، آر او پلانٽ، سولر سسٽم ۽ چار ديواري سميت بنيادي سهولتون موجود آهن.

**بقايا 12 روزاني عبرت**

ڪمپليڪس ۾ ورلڊ بئنڪ جي اعليٰ سطحي وفد سان هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ٻوڏ جي خطرن کي منهن ڏيڻ شهري علائقن کي قدرتي آفتن کان محفوظ بڻائڻ ۽ سنڌ جي وڏن شهرن کان علاوه ٻين اهم شهرن جي ترقي ۽ بحاليءَ جي قدمن جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ ورلڊ بئنڪ جي وفد ۾ ليڊارين اسپيشلسٽ سليم روحاني ٽاسڪ ٽيم ليڊر ۽ ڊزاسٽر رسڪ مئنيجمينٽ اسپيشلسٽ بلال خالد، اميارو سيمير هيرالڊو شرڪت ڪئي، جڏهن ته ڪاتي پاران سيڪريٽري آبپاشي ظريف کيڙو، چيئرمين رٿابندي ۽ ترقي بورڊ نجم احمد شاهه، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڊيلي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ ۽ ٻين لاڳاپيل اعليٰ عملدارن به شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ورلڊ بئنڪ جي طرفان سال 2022ع جي تباهه ڪندڙ ٻوڏ سبب سنڌ ۾ ٿيل نقصانن، جاري بحاليءَ جي قدمن ۽ مستقبل ۾ موسمي تبديلين جي ڪري قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تجويز ڪيل حڪمت عمليءَ تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته 2022ع جي ٻوڏ سبب سنڌ ۾ 1.46 ڪروڙ ماڻهو متاثر ٿيا، جڏهن ته 9.1 ارب ڊالرن جي مالي ۽ بنيادي ڍانچي جا نقصان ٿيا ۽ 17.1 لک گهر متاثر يا تباهه ٿيا. سنڌوءَ نديءَ جي ساڄي ڪپ جي 7 ضلعن ۾ ساليانو بنيادن تي 1.11 ارب ڊالرن جي معاشي نقصان ۽ تقريبن 22.3 لک ماڻهن جي متاثر ٿيڻ جو خطرو موجود آهي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ورلڊ بئنڪ جي مالي سهڪار سان جاري SFERP ۽ SFEHRP منصوبن تحت هاڻي تائين 1.6 ارب ڊالرن جي مالي مدد مضبوط ڪئي وئي آهي. انهن منصوبن تحت 848 ڪلوميٽرن کان وڌيڪ روڊن ۽ 205 ڪلوميٽرن جي بچاءُ بندن جي بحالي مڪمل ڪئي وئي، جڏهن ته 9 لکن کان وڌيڪ گهرن جي تعمير ۽ مرمت ۽ 14 ضلعن ۾ ريسڪيو 1122 جا 26 جديد اسٽيشن قائم ڪيا ويا آهن. اجلاس ۾ مالي سال 2026-2027 لاءِ سنڌ فلڊ ريزيليئنس پروجيڪٽ تحت 350 ملين آمريڪي ڊالرن جي مالي مدد جي تجويز به پيش ڪئي وئي. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته منصوبي لاءِ CDWP کان پروجيڪٽ ڪانسيپٽ جي ڪليئرنس 30 آڪٽوبر 2026ع، جڏهن ته PC-I جي منظوري ڊسمبر 2026ع تائين متوقع آهي، جنهن ڪانپوءِ ورلڊ بئنڪ جي بورڊ کان حتمي منظوري مارچ 2027ع تائين متوقع آهي. اجلاس ۾ تجويز ڪيل منصوبي جي پلر 1: بيسن ليول فلڊ ريزيليئنس (Basin-Level Flood Resilience) تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. انهن قدمن جو مقصد سنڌ جي ساڄي ڪپ (Right Bank) تي مستقبل ۾ اچڻ واري امڪاني ٻوڏ جي تباهڪارين کان تحفظ فراهم ڪرڻ آهي انهن قدمن جي نشاندهي عالمي شهرت يافته اداري ايشين انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالوجي ۽ ان جي ماهرن جي تازي تحقيقي جائزي جي نتيجي ۾ ڪئي وئي آهي اجلاس ۾ تجويز ڪيل منصوبي جي پلر 2: اربن ريزيليئنس (Urban Resilience) تي به تفصيلي بريفنگ ڏني وئي هن قدم جو مقصد سنڌ جي ٻئي درجي جي (ثانوي) شهرن کي ٻوڏ، سخت گرميءَ ۽ ٻين قدرتي ۽ موسمي خطرن جي مقابل ۾ وڌيڪ محفوظ، مضبوط ۽ پائيدار بڻائڻ آهي. تجويز ڪيل منصوبي تحت شهري سيڙپڪاريءَ لاءِ ٻوڏ جي خطرن آباديءَ جي حساسيت، بنيادي شهري سهولتن جي کوٽ ۽ شهرن جي تيارين جي صلاحيت کي مدنظر رکندي ترجيحن جو تعين ڪيو ويندو. شهري ڊرينيج روڊن گهٽين عوامي جڳهن ۽ ماحول دوست گرين سوليوشنز لاءِ علائقائي بنيادن تي سيڙپڪاري به غور هيٺ آهي. صوبائي وزير جام خان شورو چيو ته سنڌ حڪومت جي ترجيح آهي ته مستقبل جي ٻوڏ ۽ موسمي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ نه صرف ٻهراڙيءَ جي علائقن پر شهري مرڪزن جي بنيادي ڍانچي کي به مضبوط بڻايو وڃي پائيدار شهري رٿابندي، موثر ڊرينيج سسٽم بهتر شهري حڪمراني ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال سنڌ کي مستقبل جي قدرتي خطرن جي مقابلي ۾ وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو.

**بقايا 13 روزاني عبرت**

وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني پرڏيهي آفيس پهتو. خميس ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان جي آفيس پاران جاري ڪيل بيان موجب، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار پرڏيهي آفيس پهچڻ تي ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني جو استقبال ڪيو. نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار ۽ پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني ٻطرفي ملاقات ۽ پاڪستان-بحرين گڏيل وزارتي ڪميشن جي ٽئين اجلاس جي گڏيل صدارت ڪندا.

**بقايا 14 روزاني عبرت**

مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۾ لاش ملڻ سميت 2 ڄڻا فوت ٿي ويا. ماڙيپور روڊ تي ڪرما مسجد جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ نامعلوم واٽهڙو فوت ٿي ويو آهي. حيدر مارڪيٽ ٿاڻي جي حد نارٿ ناظم آباد بلاڪ G ويجهو خانگي رهائشي اپارٽمينٽ جي فيز ون جي فليٽ مان ڪيٽرائي ڏينهن 60 کان 65 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو.

**بقايا 15 روزاني عبرت**

ڪئي. هن ملاقات دوران ميڊيا جي ادارين بابت ڪارروائي ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو ۽ يقين ڏياريو ته اي جي پي آر ميڊيا هائوسز کي ادائيگيون جلد کان جلد ۽ وقت سر جاري ڪرڻ جي لاءِ هر ممڪن تعاون جي لاءِ پوري طرح پرعزم


**TRADE DEVELOPMENT AUTHORITY OF PAKISTAN**
**MINISTRY OF COMMERCE, GOVERNMENT OF PAKISTAN**

ٹریڈ ڈیولپمنٹ اتھارٹی آف پاکستان (TDAP)، جوکہ وزارت تجارت کے تحت تجارت اور کاروبار کے فروغ کے لیے قائم کی گئی ایک اتھارٹی ہے، اسے سربمہر بولیاں مطلوب ہیں ،ایسی فرموں سے جوانکم ٹیکس اور سیلز ٹیکس ڈپارٹمنٹ میں فوڈ اینڈ ایگریکلچر ایگزیبیشن Food Ag2026 منعقدہ 23 تا 26 نومبر 2026 ایکسپو سینٹر کراچی میں مذکورہ سروسز کی فراہمی یعنی (i) آرگنائزیشن آف گلوبل کینسائن شو (ii) تھرڈ پارٹی امپیکٹ اسسمنٹ آف فوڈ اے جی پاکستان 2026 (iii) کارڑینٹل سروسز (iv) متفرق اشیا کی فراہمی کے لئے رجسٹرڈ ہوں۔

| نمبر شمار | درکار سروس کا نام | بولی کی رقم | پروکیورمنٹ کا طریقہ | بولی بند ہونے کی تاریخ اور وقت | بولی کھلنے کی تاریخ اور وقت | ڈیسک آفیسر اور پتہ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | آرگنائزیشن آف گلوبل کینسائن شو | 1200000 روپے | پی پی آر اے رولز 36(b) کے مطابق سنگل اسٹیج 2 انویلپ | 11:00 19-10-2026 | 11:30 19-10-2026 | محترمہ کشمالہ عمر، ڈپٹی ڈائریکٹر (اے ایف ڈی) TDAP لاہور آفس 62 گارڈن بلاک گارڈن ٹاؤن لاہور سیل: 0333-0045773 ای میل: kashmakujavaid@tdap.gov.pk |
| 2 | کارڑینٹل سروسز | 500000 روپے | پی پی آر اے رولز 36(b) کے مطابق سنگل اسٹیج ٹو انویلپ | 11:00 19-10-2026 | 11:50 19-10-2026 | جناب وقار رسول ڈپٹی منیجر TDAP ملتان آفس، بنگلہ نمبر 20/2، پارک لین، بزنس سینٹر، آفیسرز۔ کالونی، نزد خواجہ مسعود پورک۔ ملتان فون نمبر: 061-9330882-63 موبائل نمبر: 0300-8639906 ای میل: waqar.rasool@tdap.gov.pk |
| 3 | متفرق اشیا کی فراہمی | 200000 روپے | پی پی آر اے رولز 36(b) کے مطابق سنگل اسٹیج ون انویلپ | 11:00 19-10-2026 | 12:00 19-10-2026 | جناب عامر الرحمن صاحب ڈپٹی منیجر (AFD) ٹی ڈی اے پی ہیڈ آفس، تیسری منزل، بلاک اے، ایف ٹی سی عمارت، شاہراہ فیصل، کراچی فون: 021-99201518 سیل: 0300-2230260 ای میل: amir.rehman@tdap.gov.pk |

2. ہر سروس کی تفصیلات پر مشتمل بولی دستاویزات PPRA EPADS ویب سائٹ (vendors.epads.gov.pk) سے ڈاؤن لوڈ کی جا سکتی ہیں۔ بولی دستاویز ڈاؤن لوڈ کرنے کی صورت میں، بولی دہندگان کو بولی جمع کرانے کے وقت 1,000 روپے بشکل پے آرڈر جمع کرانا ہوگا۔
3. پہلے مرحلے میں صرف سیریل نمبر 1 اور 2 کے لیے تکنیکی تجاویز (technical proposals) کھولی جائیں گی۔ بعدازاں، PPRA کے طریقہ کار کے مطابق صرف تکنیکی طور پر اہل قرار پانے والی فرموں کی مالی تجاویز (financial proposals) کھولی جائیں گی۔ مالی تجاویز کے ساتھ، بولی کی دستاویزات میں بیان کردہ مخصوص شکل میں 'بڈ سیکیورٹی' (bid security) منسلک ہونی چاہیے جو ہر ٹینڈر کے لیے الگ سے بتائی گئی ہے۔ تکنیکی اور مالی تجاویز، دونوں کو الگ الگ سیل (seal) کیا جانا لازمی ہے سیریل نمبر 1 اور 2۔ سیریل نمبر 3 کے لیے صرف ایک تجویز جمع کرائی جائے گی۔
4. ٹریڈ ڈیولپمنٹ اتھارٹی آف پاکستان کسی بھی یا تمام بولیوں کو مسترد کرنے اور بولی لگانے کے عمل کو کسی بھی وقت منسوخ کرنے کا حق محفوظ رکھتی ہے، تاہم، بولی کے عمل کو مسترد کرنے یا منسوخ کرنے کی وجوہات پروکیورمنٹ رولز کے مطابق متعلقہ بولی دہندگان کو بتادی جائیں گی۔
5. بولی دستاویزات میں دی گئی ہدایات کے مطابق تیار کی گئی بولیاں اختتامی وقت سے قبل مذکورہ ڈیسک آفیسر کے دفتر میں پہنچ جانی چاہیے۔ بتائے گئے وقت کے مطابق بولیاں اسی دن کھولی جائیں گی۔ یہ اشتہار PPRA ویب سائٹ www.ppra.org.pk پر بھی دستیاب ہے۔

PID K.1169/26

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

غربت جا وڌندڙ پاڇا ۽ معاشي سڌارن جو سوال صفحو 4

محمود شام — تعصب، اڳ ڪان وڌيڪ شدت اختيار ڪندو وڃي ٿو صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر — نانا پاٽيڪر جو ديهانت صفحو 4

محمد واحد — ايس ايم ايز ۽ زراعت لاءِ مالي سهولتن ۾ واڌ! صفحو 4

# منگهوپير ٽائون چيئرمين پاران سيوريج لائن وڇائڻ جي ڪم جو دورو

## ترقياتي ڪم مقرر ڪيل فني معيار موجب تيزي سان مڪمل ڪيو وڃي: حاجي نواز علي

### گوٺ ۾ سيوريج جو مسئلو ڊگهي عرصي کان شهرين لاءِ سخت پريشاني جو سبب بڻيل هو: رهواسي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي يونين ڪميٽي 01 جي علائقي حاجي محمود گوٺ جي رهواسين کي درپيش سيوريج جي پراڻي مسئلي جي حل ڏانهن اهم عملي اڳڀرائي سامهون آئي آهي، جتي ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي خاص توجهه ۽ ڪوشش سان سيوريج لائن وڇائڻ جو ڪم باقاعده طور شروع ڪيو ويو آهي. ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي حاجي محمود گوٺ پهچي سيوريج لائن وڇائڻ جي جاري ڪم جو تفصيلي معائنو ڪيو. هن موقعي تي موجود لاڳاپيل آفيسرن ۽ انجنيئرنگ عملي کان منصوبي جي اڳڀرائي، فني معاملن ۽ ڪم جي معيار بابت ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ هدايت ڪئي ته ترقياتي ڪم مقرر ڪيل فني معيار موجب تيزي سان مڪمل ڪيو وڃي جيئن علائقي جي رهواسين کي بنا دير نيڪال آب جي بهتر سهولت فراهم ٿي سگهي. ان موقعي تي اي اي اي آفاق عالم، سب انجنيئر جنيد صديقي، علائقي جا معزز ماڻهو پاڪستان پيپلز پارٽي جا مقامي اڳواڻ ۽ علائقي جا رهواسي پڻ موجود هئا. حاجي نواز علي بروهي جي حاجي محمود گوٺ آمد تي علائقي جي رهواسين پاران سنڌس پرتپاڪ استقبال ڪيو ويو. علائقي جي رهواسين سنڌ جي روايتي ثقافت موجب ڪيس اجرڪ پارائي ۽ سيوريج جي پراڻي مسئلي جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻ تي سنڌس ٿورا مڃيا. ان موقعي تي علائقي جي رهواسين چيو ته حاجي محمود گوٺ ۾ سيوريج جو مسئلو ڊگهي عرصي کان شهرين لاءِ سخت پريشاني جو سبب بڻيل هو جنهن سبب برسات ۽ روزمره جي معمولات دوران مسئلا وڌيڪ وڌي ويندا هئا. هنن چيو ته سيوريج لائن وڇائڻ جو ڪم شروع ٿيڻ علائقي جي هڪ اهم عوامي ضرورت جي پورائي آهي جنهن سان شهرين کي درپيش مسئلن ۾ گهٽتائي ايندي ۽ نيڪال آب جو نظام بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي. علائقي جي رهواسين ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جا ٿورا مڃيندي چيو ته عوامي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ ۽ بنيادي بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدمن جي شروعات هڪ ساراهه جوڳو عمل آهي. علائقي جي رهواسين اميد ظاهر ڪئي ته سيوريج لائن جو منصوبو مقرر ڪيل معيار موجب جلد مڪمل ٿيڻ سان حاجي محمود گوٺ جي رهواسين کي ڊگهي عرصي کان هلندڙ مسئلي مان مستقل ڇوٽڪارو حاصل ٿيندو. ان موقعي تي ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته شهرين کي بنيادي بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سندن پراڻن مسئلن جو ازالو ٽائون انتظاميه جي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته جاري سيوريج لائن جي ڪم ۾ معيار ۽ پائيداري کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي ۽ منصوبي جي تڪميل ۾ غير ضروري دير کان پاسو ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته منگهوپير ٽائون جي مختلف علائقن ۾ عوامي ضرورتن ۽ مقامي مسئلن کي نظر ۾ رکندي ترقياتي ۽ بلدياتي ڪمن جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سمورا دستياب وسيلا موثر طريقي سان ڪتب آندا پيا وڃن.

ڪراچي: منگهوپير ٽائون چيئرمين سيوريج لائن وڇائڻ جي ڪم جو دورو ڪري رهيو آهي

# ڊپٽي ڪمشنر پاران ريسڪيو 1122 جي مٽلي اسٽيشن جو دورو

## ترت ڪارروائي شروع ڪري ماڻهن کي ريسڪيو ڪيو وڃي ٿو: اسٽيشن انچارج

### ڊي سي 1122 جي هنگامي حالتن ۾ ڪم ايندڙ اوزارن ۽ ٻين مشينري جو معائنو ڪيو

مٽلي (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار عبدالحليم جاگيراڻي اسسٽنٽ ڪمشنر مٽلي ڊاڪٽر عمير اشرف سان گڏ اڄ سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز (SIEHS) ريسڪيو 1122 جي ٽنڊوالهيار جي هيڊ ڪوارٽر ۾ موجود مٽلي اسٽيشن جو دورو ڪيو. ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته جيڪي به ادارا عوام جي ڀلائي لاءِ سچائي سان ڪم ڪري رهيا آهن اهي عبادت جو ڪم ڪري رهيا آهن. هن 1122 انتظاميه کي هر وقت الرٽ رهڻ جون هدايتون ڪيون. ان موقعي تي ريسڪيو 1122 مٽلي اسٽيشن انچارج حبيب الله راهمون ريسڪيو 1122 پاران مختلف نوعيت جي هنگامي حالتن ۾ فراهم ڪيل ايمرجنسي رسپانس ۽ ريسڪيو سروسز بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ريسڪيو 1122 پاران حادثن بابت اطلاع ملڻ جي واقعن بعد جي واقعن جڳهن جي اوچتي ڪري پوڻ سميت ٻين هنگامي حالتن ۾ جيئن ئي خبر ملي ٿي ته 1122 پاران ترت ڪارروائي شروع ڪري ماڻهن کي ريسڪيو ڪيو وڃي ٿو. اسٽيشن هائوس انچارج حبيب الله راهمون وڌيڪ ٻڌايو ته مختلف حادثن/واقعن دوران ريسڪيو 1122 جو تربيت يافته عملو هنگامي حالتن سان منهن ڏيڻ وارن اوزارن جي مدد سان متاثر ماڻهن جي امداد ڪري کين ريسڪيو ڪري ٿو واقعي واري هنڌ تي ابتدائي طبي امداد فراهم ڪرڻ سان گڏوگڏ ضرورت مطابق زخمين ۽ متاثرين کي اسپتالن تائين پهچايو وڃي ٿو. بريفنگ دوران فائر اينڊ واٽر ريسڪيو، ٽريفڪ حادثن ۾ ريسڪيو آپريشنز ۽ ٻين پيچيده هنگامي حالتن کي مؤثر نموني منهن ڏيڻ جي طريقي ڪار بابت پڻ تفصيلي معلومات فراهم ڪئي وئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار 1122 جي هنگامي حالتن ۾ ڪم ايندڙ اوزارن ۽ ٻئي مشينري جو معائنو ڪيو ۽ انهن جي استعمال جي طريقيڪار بابت ڄاڻ حاصل ڪئي.

مٽلي: ڊي سي ٽنڊوالهيار عبدالحليم جاگيراڻي ريسڪيو 1122 اسٽيشن جو دورو ڪندي

# دولتپورصفن ۾ معصوم ٻنگري انيلا ڪوڪر سان مبينا زيادتي واري واقعي خلاف احتجاج

## ڇهه ڏينهن گذري وڃڻ باوجود ڪيس ۾ نامزد مک جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

### ٻنگري سان مبينا زيادتي جهڙو سنگين واقعو رڳو هڪ خاندان جو مسئلو نه، پر سڄي سماج جي ضمير لاءِ هڪ وڏو سوال آهي: شهري

ٻنگري ۽ سندس وارثن کي خاموش رهڻ لاءِ مبينا طور ڌمڪيون ۽ هراسان ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن، مذمت ڪريون ٿا

دولتپورصفن (ن ع) 13 ورهين جي ٻنگري سان مبينا زيادتي جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف شهرين جو احتجاج قاضي احمد جي دوست محمد ڪالوني واسڻ 13 ورهين جي ٻنگري انيلا ڪوڪر سان مبينا زيادتي واري واقعي کي ڇهه ڏينهن گذري وڃڻ باوجود ڪيس ۾ نامزد مک جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف دولتپور صفن ۾ شهرين، واپارين، دڪاندارن، سماجي اڳواڻن، سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ صحافين پاران سخت احتجاج ڪيو ويو. شهرين دولتپور صفن جي شاهي بازار کان هٿن ۾ بينر کڻي ريلي ڪڍي، سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي احتجاجي مظاهرو ڪندي اڳواڻن سمارٽ ٽريڊرس جي اڳواڻ روشن علي سومرو سينيئر صحافي ۽ سماجي اڳواڻ ولي محمد جوکيو سيد مظهر حسين شاهه نياز حسين انڙ ڪامريڊ نظير احمد ڏاهري، دڪاندار وسيم باري، دڪاندار اختر علي پلي استاد مٺل جسڪاڻي استاد شريف انڙ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته معصوم ٻنگري سان مبينا زيادتي جهڙو سنگين واقعو رڳو هڪ خاندان جو مسئلو نه پر سڄي سماج جي ضمير لاءِ هڪ وڏو سوال آهي متاثر ٻنگري ۽ سندس وارثن کي انصاف فراهم ڪرڻ رياست ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بنيادي ذميواري آهي. هنن چيو ته ڇهه ڏينهن گذري وڃڻ باوجود جيڪڏهن ڪيس ۾ نامزد مک جوابدار گرفتار نٿا ٿين ته متاثر خاندان اندر بيچيني ۽ عدم تحفظ پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي اڳواڻن چيو ته ٻنگري ۽ سندس وارثن کي خاموش رهڻ لاءِ مبينا طور ڌمڪيون ۽ هراسان ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن جنهن جي پڻ اسان سخت لفظن سان مذمت ڪيون ٿا. هنن چيو ته متاثر ٻنگريءَ کي تحفظ، طبي ۽ قانوني سهڪار فراهم ڪرڻ سان گڏ ڪيس جي شفاف جاچ يقيني بڻائي وڃي ۽ جوابدارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي شهيد بينظير آباد ۽ لاڳاپيل پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ٻنگري سان مبينا زيادتي واري ڪيس ۾ نامزد مک جوابدارن کي فوري طور قانون جي گرفت ۾ آڻي متاثر خاندان کي تحفظ فراهم ۽ ڪيس جي جاچ شفاف طريقي سان مڪمل ڪئي وڃي احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن جوابدارن جي گرفتاري ۽ متاثر ٻنگريءَ کي انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم نه کنيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌائيندي لاڳاپيل ٿاڻي آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

دولتپورصفن: ٻنگري سان زيادتي خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

# تعليم کاتي جي نااهلي، ڪورڙي ڪبير ڪئمپس مين پرائمري گرلس اسڪول کي ٻن سالن کان تالا لڳل

## ڪئمپس مين پرائمري گرلس اسڪول کي ٻن سالن کان تالو لڳل هجڻ ڪري نياڻين جي تعليم تباهه ٿيڻ لڳي

### ڏهن سالن کان اسڪول جي سڄي عمارت زبون حال بڻيل هئي روزانو ڇتن جا ڇاپڙ شاگردن مٿان ڪرڻ معمول بڻيل هو: شهري

اسڪول جي ريپيئر ڪم ۾ ملوث بلڊنگس کاتو ۽ ٺيڪيدار جي خلاف انڪوائري ڪرائي اسڪول جا تالا کولرايا وڃن

ڪورڙي ڪبير (ن ع) تعليم کاتو نوشهروفيروز جي ڪرپشن ۽ نااهلي سبب ڪورڙي ڪبير ڪئمپس مين پرائمري گرلس اسڪول کي ٻن سالن کان تالو لڳل. نياڻين جي تعليم تباهه. نوٽيس ورتو وڃي. ان ڏس ۾ شهري اتحاد جي صدر مولابخش ٿيبو احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته ڏهن سالن کان اسڪول جي سڄي عمارت زبون حال بڻيل هئي روزانو ڇتن جا ڇاپڙ شاگردن مٿان ڪرڻ معمول بڻيل هو. احتجاج ڪياسين جنهن کان پوءِ صرف ...

ڪورڙي ڪبير: ٻن سالن کان بند پيل گرلس پرائمري اسڪول

# مقصودو رند ۾ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول چورن جي نشاني تي مهيني ۾ ٻه وارداتون

## نامعلوم چور اسڪول مان پنکا ۽ بجلي جون تارون چوري ڪري فرار پوليس خاموش تماشائي بڻيل

### ڪجهه ڏينهن اڳ نامعلوم چور اسڪول مان چار پنکا ۽ بجلي جون تارون لاهي ويا، اڄ وري چوري ٿي آهي: استاد

پنکا چوري ٿيڻ سبب معصوم ٻارڙا ڪلاسن ۾ ويهي نه ٿا سگهن، گرمي سبب تعليم ۾ خلل پئجي رهيو آهي

مقصودورند: ٻارڙا اسڪول مان چوري ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

بجلي جا پنکا تارون وغيره چوري ڪري فرار ٿي ويا اسڪول جي استادن شاگردن ۽ شاگردياڻين جو احتجاجي مظاهرو ان سلسلي ۾ اسڪول جي هيڊ ماستر معشوق علي زرداري استادن محمد اشفاق بيگ، ناجد علي رند ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي اسڪول ۾ هڪ مهيني اندر چورين جون ٻه وارداتون ٿيون آهن ڪجهه ڏينهن اڳ نامعلوم چور اسڪول مان چار پنکا ۽ بجلي جون تارون لاهي ويا جڏهن ته ...

# سڪرنڊ ٽائون جي چيئرمين پاران ساجاهه وند ڏرين ۽ صحافين سان اجلاس

## قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي الله جي 99 نالن جو اليڪٽريڪل ٽاور تعمير ڪرايو ويندو: چيئرمين

### اجلاس ۾ شهر جي صفائي سٿرائي بابت پڻ ڳالهه ٻولهه، چيئرمين سيد عذير اختر شاهه پاران خاطري

سڪرنڊ (ن ع) ٽائون ڪاميٽي سڪرنڊ جي چيئرمين سيد عذير اختر شاهه پاران شهر جي خوبصورتي لاءِ شهر جي ساجاهه وند ڏرين ۽ صحافين جو گڏيل اجلاس گهرايو جنهن ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جي وفد جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح جي اڳواڻيءَ ۾ نيشنل پريس ڪلب جي وفد غلام قادر چانڊيو جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ پريس ڪلب جي وفد نياز چانڊيو جي اڳواڻيءَ ۾ ميڊيا سينٽر جي وفد قربان عمراڻي جي اڳواڻيءَ ۾ شريڪ ٿيا اجلاس ۾ صلاح مشورن بعد طئي ڪيو ويو ته شهر جي مشهور چوراهي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي الله جي 99 نالن جو اليڪٽريڪل ٽاور تعمير ڪرايو ويندو جنهن تي اتفاق ڪيو ويو ۽ ٽائون چيئرمين جي ان ڪم کي ساراهيو ويو اجلاس ۾ شهري اتحاد جو سرپرست نياز لاشاري، ڊاڪٽر نعمت آرائين، سيد قربان شاهه خير محمد چنا، حيدر خانزاده، جاويد علي سومرو غلام مصطفيٰ راجپوت، سيد قطب شاهه ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا اجلاس ۾ شهر جي صفائي سٿرائي بابت پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي جنهن تي ڪجهه نشاندهيون ڪيون ويون جنهن تي پڻ چيئرمين سيد عذير اختر شاهه پاران اجلاس کي يقين ڏياريو ويو ته ان پاسي به مڪمل ڌيان ڏنو ويندو

# مقصودو رند لڳ ڳوٺ ٻاجهي رند ۾ نادرا آفيس جو افتتاح

## نادرا جي ريجنل ڊائريڪٽر سڪر ميڊم عاليه ۽ ٻين آفيس جو افتتاح ڪيو

### اسان جي معززين خاص طور محمد ابراهيم رند ۽ حاجي خان رند جو ٿورائتا آهيون: شهري

مقصودو رند (ن ع) مقصودو رند لڳ ڳوٺ ٻاجهي رند ۾ نادرا آفيس جو افتتاح ڪيو ويو خبر موجب مقصودو رند لڳ يوسي مراد علي رند جي ڳوٺ ٻاجهي رند ۾ نادرا جي ريجنل ڊائريڪٽر سڪر ميڊم عاليه، نادرا آفيسر رفيق احمد ضلع ڪائونسلر سائينداد خان رند، پ پ اڳواڻ محمد ابراهيم رند، حاجي خان رند، اڳوڻو ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڪسائيز حق نواز رند نادرا آفيس جو افتتاح ڪيو افتتاحي تقريب ۾ علائقي جي معززين حاجي بخش علي رند، يعقوب ڪاڪيپوٽو شيعه علماء ڪائونسل ضلع سانگهڙ نائب صدر زوار غلام عباس رند، زوار امداد علي رند، ايم ڊبليو ايم ضلع سانگهڙ صدر زوار غلام سرور رند، محمد مبين بروهي، ضلع ڪائونسلر علي حسن رند، عطا محمد رند، ڪائونسلر محبوب علي رند، بشير احمد ڏاهري، تپيدار احمد نواز ڪيريو انجنيئر فيض علي رند، حاجي راجب علي رند، برڪت علي رند، صحافي محمد بچل رند، ذوالفقار علي رند، اعجاز علي رند جي شرڪت ڪئي ان موقعي تي معززين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي معززين خاص طور محمد ابراهيم رند ۽ حاجي خان رند جو ٿورائتا آهيون ۽ نادرا جي آفيس کلڻ سان مقصودو رند ۽ آس پاس جي عوام کي وڏو فائدو ٿيندو عوام جو ٽائيم پئسا ۽ پريشاني کان بچندا اهڙي قدم جي ساراهه ڪجي ٿي بي طرف نادرا آفيس کلڻ سان جڏهن ته علائقي واسين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي

مقصودو: ڳوٺ ٻاجهي رند ۾ نادرا آفيس جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

# بنيادي مسئلا حل ڪري سهولتون ڏيو: شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 26 ڏينهن ۾ احتجاجي ريلي

## بيٽو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين پيادل مارچ ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

### ڪيترن ئي سالن کان ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل آهن واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن: شهري

شهر ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهي امن امان جي صورتحال به انتهائي خراب بڻجي وئي آهي

# تنڊو محمد خان ۾ مهانگائي جو جن بي قابو، ڪاڏي پيٽي جي شين جا اگهه ٻه ڀيڻا چڙهي ويا

## واپارين ۽ دڪاندارن جي هڪ هٽي، شهر ۾ گوشت، مڇي، مرغي ۽ ڀاڄين جا من پسند اگهه مقرر

### بصر 250 ڪلو ٽماٽا، توريون، پيندڙي ڪدو گوبي ۽ ٻيون ڀاڄيون ٻه 200 روپيا وڪرو جو مرغي جو گوشت 560 ڪان مٿي هلڻ لڳو

سبزي مارڪيٽن ۽ عام واهپي ڪاڏ پيٽ جي شين ۾ روزاني بنياد تي اگهن جي چڪاس ڪئي وڃي، جيئن عوام کي رليف ملي: شهري

تنڊو محمد خان (ن ر) تنڊو محمد خان ۾ مهانگائي چوٽ چڙهي ويئي شهر ۾ ڪاڏي پيٽي جي شين سميت ڀاڄين جا اگهه ٻه ڀيڻا چڙهي ويا ضلعي انتظاميه ۽ مارڪيٽ ڪميٽي ڪوبه نوٽس نه ورتو عوام ۾ ڪاوڙ جي لهر جڏهن ته شهر ۾ گوشت، مڇي، مرغي ۽ ڀاڄين جي اگهن کي واپارين پاران هٿ جا اگهه مقرر ڪري عوام کي ٻنهي هٿن سان لٽيو پيو وڃي جڏهن ته روزمره جي ڪاڏ پيٽ جي شين جنهن ۾ اٽو، چانور، گيهه آئل، دالين، کنڊ جا اگهه ٻه آسمان تي پهچي ويا آهن پورهيت طبقو روز جي مزدوري ڪري ٻچن جو پيٽ پالڻ وارو ٻه سخت پريشاني واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن تنڊو محمد خان ضلعي جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ٻه پرائس واري علائقن ۾ ٻه مهانگائي تي ضابطو نه اچي سگهيو آهي جڏهن ته شهر ۾ مڇي ۽ مرغي جي گوشت جو اگهه ٻه اڻڄاڻ ته واڌي ويا آهن جو مرغي جو گوشت 560 ڪان مٿي هلڻ لڳو جڏهن ته مڇي جو في ڪلو 800 ڪان مٿي هلڻ لڳو وڏي جانور پاڏي جو گوشت ٻه 1200 في ڪلو هلي پيو ٻاڪري جو گوشت ٻه 2000 ڪان مٿي هلي پيو ۽ بصر 250 ڪلو ٽماٽا، توريون، پيندڙي ڪدو گوبي ۽ ٻيون ڀاڄيون ٻه 200 ڪان مٿي هلڻ لڳو جڏهن ته اڳهن تي ضابطو نه اچي سگهيو آهي ٻي طرف شهرين پاران ضلعي انتظاميا ۽ مارڪيٽ ڪميٽي ڪان مطالبو ڪيو آهي ته سبزي مارڪيٽن ۽ عام واهپي ڪاڏ پيٽ جي شين ۾ روزاني بنياد تي اگهن جي چڪاس ڪئي وڃي ۽ مارڪيٽ ڪميٽي جي ريٽ لسٽ تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي ته جيئن ناجائز واڌو اگهه وٺندڙ منافعي خوري ڪندڙن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ شهرين کي رليف ڏنو وڃي.

تنڊو محمد خان: هڪ اسٽال تي سبزي وڪري لاءِ رکيل آهي

# مورو گهر ۽ پلاٽ تي مبينا قبضي جي ڪوشش، موتمار ڌمڪيون

## شبير احمد شيخ گهر ۽ پلاٽ تي پهرين مبينا طور قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پيو: ماجد حسين

### مالڪيت تي قبضو ڪرڻ لاءِ کين نامعلوم ماڻهن جي هٿان موتمار ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن

مورو (ن ع) مورو گهر ۽ پلاٽ تي مبينا قبضي جي ڪوشش، موتمار ڌمڪين ڪوڙن ڪيس داخل ڪرڻ خلاف پريس ڪانفرنس مورو پريس ڪلب ۾ ماجد حسين شيخ، رشيد علي شيخ پنهنجي امڙ ۽ چاچي عبداللطيف شيخ سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام لڳايو آهي ته شبير احمد شيخ ورتو هو جنهن جي ايگريمينٽ دستاويز پڻ موجود آهن پر هاڻي پهريان سنڌن ملڪيت تي قبضو ڪرڻ لاءِ کين نامعلوم ماڻهن جي هٿان موتمار ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن جڏهن ته مٿن ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي ٿو هنن صوبائي گهرو وزير ضياء الحسن لنجار، آئي جي سنڌ پوليس ...

مورو: شيخ برادري جا ماڻهو موتمار ڌمڪين ۽ پلاٽ تي قبضي خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي

# ميهڙ بار جي صدر وڪيل پير بخش سولنگي جي والد جي لاڏاڻي تي مغفرت جي لاءِ دعا ۽ محفل ميلاد صه جو پروگرام

ميهڙ (ن ع) ميهڙ بار ايسوسيئيشن پاران ميهڙ بار جي صدر وڪيل پير بخش سولنگي جي والد، ميهڙ بار جي اڳواڻي جنرل سيڪريٽري وڪيل سعيد پنهور جي والد، وڪيل عبدالوحيد شيخ جي والد ۽ وڪيل اعظم خاصخيلي جي چاچا جي لاڏاڻي تي مغفرت جي لاءِ دعا ۽ محفل ميلاد صه جو پروگرام منعقد ڪيو ويو ...

# ميهڙ جي همدم ڪالوني ۽ بلاول ڪالوني جو مسئلو حل نه ٿيو

## سي ايم او ميهڙ بابر مگسي 15 ڏينهن اڳ ڪيل واعده وفا نه ڪيو

### صفائي سٿرائي ۽ ٻين بنيادي مسئلن کي فوري طور حل ڪيو وڃي: رهواسي

ميهڙ (ن ع) 15 ڏينهن اڳ سي ايم او ميهڙ بابر مگسي همدم ڪالوني ۽ بلاول ڪالوني جي رهواسين سان صاف پيئڻ جي پاڻي ۽ صفائي سٿرائي جي مسئلن بابت ڳالهيون ڪري احتجاجي تحريڪ معطل ڪرائي ڇڏي هئي پر رهواسين جو چوڻ آهي ته سي ايم او بابر مگسي پاران ڪيل واعدن مان ڪنهن هڪ تي به عمل نه ٿي سگهيو واعدن تي عمل نه ٿيڻ خلاف همدم ڪالوني ۽ بلاول ڪالوني جي عوام پاران سياڻي جمعي جي ڏينهن ميونسپل ڪاميٽي انتظاميا خلاف پيادل احتجاجي ريلي ڪڍڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي رهواسين جو مطالبو آهي ته علائقن ۾ صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي، صفائي سٿرائي ۽ ٻين بنيادي مسئلن کي فوري طور حل ڪيو وڃي

ميهڙ: شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

# سنڌ يونيورسٽي پاران ساليانه امتحان 2025 لاءِ فارم ۽ فيس جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۾ واڌ جو اعلان

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي پاران لاڳاپيل ڪاليجن ۾ مختلف پروگرامن جي اهل اميدوارن لاءِ ساليانه امتحان 2025ع جا آن لائين امتحاني فارم ۽ فيس جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۾ 9 آڪٽوبر تائين واڌ جو اعلان ڪيو ويو آهي ساليانه امتحانن واري ڪنٽرولر سيد احسان الله راشدي پنهنجي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايو آهي ته اميدوار 5000 رپين جي ليٽ فيس سان گڏ 9 آڪٽوبر 2026ع تائين پنهنجا فارم آن لائين جمع ڪرائي سگهن ٿا. نوٽيفڪيشن ۾ اي ڊي آرٽس (ريگيولر ۽ ايڪسٽرنل)، اي ڊي ڪامرس، ...

# ميهڙ جي پنجابي جا پاڙي جي رهواسين جو احتجاج

## مبينا گهر تي قبضي ۽ موتمار ڌمڪين خلاف احتجاج ڪيو ويو

### ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، جنهن سبب پنهنجي جان ۽ مال جو خدشو آهي: مظاهرين

ميهڙ (ن ع) ميهڙ جي پنجابي جا پاڙي جي رهواسين جو مبينا گهر تي قبضي ۽ موتمار ڌمڪين خلاف احتجاج، تحفظ ۽ انصاف جي اپيل ميهڙ جي علائقي پنجابي جا پاڙي جي رهواسين عبدالرحيم ڪوسو حاجي عبدالرشيد ڪوسو عبدالمجيد ڪوسو ۽ عمران ڪوسو آزاد پريس ڪلب ميهڙ پهچي احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته سنڌن نوجوان بلاول ڪوسو ولد حاجي عبدالرحيم ڪوسو ۽ سنڌن ئي رشتيدار ساجده ڌيءَ اصغر ڪوسو گهران نڪري پنهنجي مرضي ۽ رضا خوشي سان ڪراچي جي ملير ڪورٽ ۾ شرعي ۽ قانوني طريقي سان نڪاح ڪيو آهي. هنن چيو ته بلاول ۽ ساجده ٻاڻ ۾ ميڊيا سامهون اچي بيان ڏئي چڪا آهن ته هنن پنهنجي رضا خوشي سان قانوني ۽ شرعي طريقي سان نڪاح ڪيو آهي پر ان باوجود کين مبينا طور موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جنهن سبب پنهنجي جان ۽ مال جو خدشو آهي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته هو اڄا تائين ڪوشش ڪري رهيا آهن ته بلاول ساجده واپس اچي راجوڻي ذريعي معاملو حل ڪن پر هو ساڻن رابطي ۾ نٿا اچن هنن وڌيڪ الزام هنيو ته ساجده جي والد اصغر ڪوسو ۽ ٻين رشتيدارن منظور ڪوسو ادريس ڪوسو گل محمد ڪوسو جاويد ڪوسو ۽ ٻين سنڌن گهر تي مبينا قبضو ڪري پيچ ڊاهه ڪئي ۽ لکين رپين جو سامان کڻي ويا آهن جڏهن ته گهر تي اڃا تائين قبضو برقرار آهي ...

# سڪرنڊ ۾ "آئيڊيل نوجوان" جي عنوان تحت روحاني ويهڪ جو اهتمام

## اڄ سماج ۾ اڪثريت نوجوانن جي بگڙيل آهي جنهن ۾ مک ڪردار والدين جو آهي: مقررين

### والدين ڪتابن جون پريون نه ضرور پڙهائي ڏيون پر انهن جي ڪڍهن به بهتر تربيت نه ڪئي

سڪرنڊ (ن ع) "آئيڊيل نوجوان" جي عنوان تحت مولانا جاويد لطيف قريشي جي ميزباني ۾ هيٽ ڪٽ جي تحقيقاتي اداري جي هائوسنگ سوسائٽي جي جامع مسجد ۾ روحاني ويهڪ جو اهتمام ڪيو ويو ...

# پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي شروعات ۾ ٻاڙائي رڪارڊ

# قالين ۽ ٽريالن جي ملڪي روانگي واپار ۾ آگسٽ دوران 20.21 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ

# سول اسپتال مٽلي ۾ مصنوعي ٽنگ لڳائڻ جي مفت ڪئمپ لڳائي ويندي

# لاڙڪاڻو پوليس پاران قتل جي ڪيس ۾ ملوث جوابدارن جو گهيرو وڌيڪ تنگ، آپريشن ڇهين ڏينهن به جاري

# ايس يو پي پاران سنڌ هائوس سڪرنڊ کي فعال رکڻ جو اعلان

## روزانو صبح 10 وڳي کان شام 5 وڳي تائين آفيس کليل رهندي

### شهر جا رهواسي پنهنجا مسئلا ۽ شڪايتون پيش ڪري سگهندا

# ٻاڻ جي آمدني واپار ۾ آگسٽ دوران 25 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ

# ايئر لنڪ ڪميونيڪيشن جي ساليانه منافعي ۾ 31 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ

# عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل ۽ سون جي اگهه ۾ اضافو رڪارڊ

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلپلر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 09 آڪٽوبر 2026ع

# غربت جا وڌندڙ پاڇا ۽ معاشي سڌارن جو سوال

پاڪستان جي معيشت بابت عالمي بئنڪ جي تازي رپورٽ هڪ اهڙي حقيقت کي سامهون آڻي ٿي جنهن کي رڳو انگن اکرن جي بحث تائين محدود نٿو ڪري سگهجي معاشي واڌ جي شرح ۾ بهتري جون اڳڪٿيون پنهنجي جاءِ تي اهم آهن پر ان کان وڌيڪ اهم سوال اهو آهي ته اها معاشي واڌ عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪيتري تبديلي آڻي رهي آهي؟ جيڪڏهن ملڪي معيشت وڌي رهي هجي پر ساڳئي وقت غربت، مهانگائي، بيروزگاري ۽ خوراڪ جي کوٽ وڌندي رهي ته اهڙي واڌ جي فائدن بابت سنجيده سوال اٿڻ فطري ڳالهه آهي عالمي بئنڪ موجب هلندڙ مالي سال دوران پاڪستان جي معاشي واڌ جي شرح 3.7 سيڪڙو ۽ ايندڙ مالي سال ۾ 3.8 سيڪڙو تائين پهچڻ جو امڪان آهي. خدمتن، صنعتي پيداوار ۽ چوپائي مال جي شعبي ۾ سرگرمين جاري رهڻ جي اميد پڻ ظاهر ڪئي وئي آهي مالي کوٽ بابت به نسبتاً بهتر انگ اکر سامهون آيا آهن پر ساڳئي رپورٽ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته وچ اوڀر، اتر آفريڪا ۽ افغانستان- پاڪستان واري خطي ۾ روزانو 3 ڊالر کان گهٽ آمدنيءَ تي گذارو ڪندڙ انتهائي غريب ماڻهن مان لڳ ڀڳ 48 سيڪڙو پاڪستان ۾ رهن ٿا. هي انگ پاڪستان لاءِ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳو آهي حڪومت جي معاشي صلاحڪار خرم شهزاد عالمي بئنڪ جي انهن انگن ۽ تشريح کي گمراهه ڪندڙ قرار ڏنو آهي. سندس موقف آهي ته پاڪستان جي آبادي خطي جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن کان گهڻي آهي، تنهنڪري رڳو انتهائي غريب ماڻهن جي مجموعي تعداد جي بنياد تي پيٽ ڪرڻ درست تصوير پيش نٿو ڪري هن اهو به واضح ڪيو آهي ته پاڪستان کي هن خطي ۾ شامل ڪرڻ ڪنهن معاشي زوال جو نتيجو نه پر عالمي بئنڪ جي انتظامي درجابنديءَ ۾ تبديلي آهي

حڪومت جي اها وضاحت پنهنجي جاءِ تي اهم آهي ۽ عالمي بئنڪ جي انگن کي سندن مڪمل پسمنظر سان ڏسڻ ضروري آهي پر هتي بنيادي سوال اهو آهي ته ڇا غربت ۾ واڌ جي حقيقت کي رڳو درجابندي يا آباديءَ جي وڏي انگ سان رد ڪري سگهجي ٿو؟ جيڪڏهن 19-2018ع کان 25-2024ع تائين روزانو 3 ڊالر واري غربت جي حد تي پاڪستان ۾ غربت جي شرح 6.4 سيڪڙو پوائنٽ وڌي آهي ۽ 4.20 ڊالر واري حد تي 3.2 سيڪڙو پوائنٽ اضافو ٿيو آهي ته پوءِ ان کي سنجيدگيءَ سان ڏسڻ لازمي آهي غريب ماڻهن جو تعداد ڪيترو آهي ان کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته غربت جي شرح ڇو وڌي رهي آهي ۽ ماڻهن جي آمدني سندن ضرورتن سان گڏ ڇو نٿي وڌي؟ پاڪستان گذريل ڪجهه سالن دوران هڪ ٻئي پٺيان ڪيترن ئي معاشي ۽ قدرتي بحرانن مان گذريو آهي ڪووڊ-19 جي وبا، 2022ع جون تباهه ڪندڙ ٻوڏون، مهانگائي، ڪرنسي جي قدر ۾ گهٽتائي، توانائيءَ جي وڌندڙ قيمتن ۽ معاشي سڌارن جي سخت مرحلن عام خاندان جي قوتِ خريد کي سخت متاثر ڪيو آهي نتيجي ۾ ڪيترن ئي خاندانن جي حقيقي آمدني گهٽجي وئي، روزگار جا موقعا محدود ٿيا ۽ تعليم، صحت ۽ خوراڪ جهڙين بنيادي ضرورتن تي خرچ ڪرڻ به ڏکيو بڻجي ويو ان کان علاوه عالمي حالتون به پاڪستان لاءِ خطرا وڌائي رهيون آهن. وچ اوڀر ۾ تڪرار ڊگهو ٿيڻ سان تيل ۽ ٻين شين جا اگهه وڌي سگهن ٿا، آمدورفت ۽ بيمه جا خرچ وڌي سگهن ٿا ۽ درآمد ڪندڙ ملڪن تي وڌيڪ دٻاءُ پئجي سگهي ٿو پاڪستان جهڙي تيل درآمد ڪندڙ معيشت لاءِ اهڙي صورتحال مهانگائيءَ جو نئون طوفان آڻي سگهي ٿي. عالمي بئنڪ 2026ع جي پڇاڙيءَ ۾ طاقتور ايل نينو موسمي صورتحال جو خدشو پڻ ظاهر ڪيو آهي جيڪا خوراڪ جي اگهن ۾ اضافي جو سبب بڻجي سگهي ٿي پاڪستان ۾ برسات جي نظام ۾ تبديليون اچڻ جي صورت ۾ ان جا اثر زراعت ۽ خوراڪ جي فراهميءَ تي به پئجي سگهن ٿا. ان صورتحال ۾ رڳو معاشي واڌ جي شرح وڌڻ ڪافي ناهي. حڪومت کي اهڙي معاشي پاليسي اختيار ڪرڻي پوندي، جنهن سان واڌ جا فائدا هيٺين طبقي تائين پهچن. روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ، ننڍن ڪاروبارن کي همٿي ڏيڻ، زراعت کي مضبوط ڪرڻ، تعليم ۽ صحت تي حقيقي سيڙپڪاري وڌائڻ ۽ مهانگائيءَ کي ضابطي ۾ رکڻ کان سواءِ غربت گهٽائڻ ممڪن نه ٿيندو. پاڪستان لاءِ اصل ڪاميابي اها نه هوندي ته معاشي واڌ 3.8 سيڪڙو ٿي وئي، پر اها هوندي ته ان واڌ سان هڪ مزدور جي آمدني وڌي، هڪ غريب ٻار اسڪول پهچي، هڪ خاندان کي مناسب خوراڪ ملي ۽ هڪ نوجوان کي عزت وارو روزگار حاصل ٿئي. معاشي انگ اکر تڏهن ئي عوام لاءِ خوشخبري بڻجي سگهن ٿا، جڏهن انهن جو اثر ماڻهن جي گهرن، بازارن ۽ روزاني زندگيءَ ۾ محسوس ٿئي

# لازوال فنڪار نانا پاٽيڪر کي پيڙا


غلام حسين خاصخيلي

'اسان کان پوءِ محفلن ۾ افسانا بيان ٿيندا، بهارون اسان کي ڳوليندي رهجي وينديون، خبر ناهي اسين ڪهڙي جهان ۾ هونداسين.' اهي لفظ جڏهن به ٻڌبا آهن ته هڪ اهڙي اداڪار جي شخصيت ذهن ۾ اڀري ايندي آهي، جنهن پنهنجي فن، سادگي، جرئت ۽ بي مثال اداڪاري وسيلي ڀارتي سينيما ۾ هڪ الڳ سڃاڻپ قائم ڪئي. نانا پاٽيڪر انهن چند فنڪارن مان هڪ هو جن شهرت، دولت ۽ مقبوليت جي بلندين تي پهچڻ باوجود پنهنجي سادگي، اصولن ۽ انسان دوستيءَ کي ڪڏهن به نه ڇڏيو. سندس لاڏاڻو رڳو ڀارتي فلمي دنيا جو نقصان نه پر برصغير جي ثقافت، فن ۽ سينيما لاءِ به هڪ وڏو الميو آهي

نانا پاٽيڪر جو اصل نالو وشوناٿ پاٽيڪر هو. سندس جنم پهرين جنوري 1951ع تي ڀارت جي رياست مهاراشٽر جي ضلعي راءِ ڳڙهه جي هڪ عام خاندان ۾ ٿيو. ننڍپڻ ۾ معاشي مشڪلاتون سندس زندگيءَ جو حصو رهيون. خاندان جي مالي سهائتا لاءِ هن مختلف ننڍا وڏا ڪم به ڪيا. انهن ڏکين حالتن سندس شخصيت ۾ محنت، صبر ۽ جدوجهد جا گڻ پيدا ڪيا، جيڪي بعد ۾ سندس فني زندگيءَ جي ڪاميابيءَ جو سبب بڻيا. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ نانا پاٽيڪر فنون لطيفه ۽ ٿيٽر ڏانهن راغب ٿيو. اسٽيج تي سندس شروعاتي پرفارمنس ماڻهن کي متاثر ڪرڻ لڳي. هو جلد ئي انهن فنڪارن ۾ شامل ٿي ويو جيڪي ڪردار کي صرف ادا نه ڪندا آهن پر ان کي پنهنجي وجود جو حصو بڻائي ڇڏيندا آهن. سندس لهجو، آواز جي گونج، چهري تي اڀرندڙ تاثر ۽ مڪالمن جي ادائيگيءَ کيس ٻين اداڪارن کان منفرد بڻائي ڇڏيو.

**فلمي دنيا ۾ شاندار سفر:** نانا پاٽيڪر پنهنجي فلمي ڪيريئر جي شروعات 1978ع ۾ فلم 'گمن' سان ڪئي. شروعاتي سالن ۾ کيس ننڍا ڪردار مليا پر سندس غيرمعمولي اداڪاريءَ جلد ئي فلم سازن ۽ ناقدن جي توجهه حاصل ڪري ورتي. 1989ع ۾ رليز ٿيل فلم 'پرندا' سندس زندگيءَ جو اهم موڙ ثابت ٿي. هن فلم ۾ سندس ڪردار کي ايتري مڃتا ملي جو کيس قومي سطح تي سڃاڻپ حاصل ٿي. ان کان پوءِ نانا پاٽيڪر مسلسل ڪاميابين جون منزلون طئي ڪندو رهيو. 'پراهار' ۾ هڪ فوجي آفيسر، 'ڪرانتي وير' ۾ هڪ باغي صحافي، 'انگار' ۾ طاقتور شخصيت، 'تيرنگا' ۾ وطن دوست ڪردار ۽ 'اب تڪ ڇپن' ۾ پوليس آفيسر جي حيثيت سان سندس اداڪاري کي وڏي ساراهه ملي. فلم 'ويلڪم' ۾ سندس مزاحيه ڪردار 'اُدي ڀائي' ماڻهن کي کلائڻ سان گڏ سندس اداڪاريءَ جي نئين رُخ کي به اجاگر ڪيو. اهو ڪردار اڄ به بالي ووڊ جي يادگار مزاحيه ڪردارن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. ساڳئي ريت 'راج نيتي' ۽ مراٺي فلم 'ناٽ سمراٽ' ۾ سندس اداڪاري فن جي بلندين تي پهتل نظر اچي ٿي.

**اداڪاريءَ جو منفرد انداز:** نانا پاٽيڪر کي ٻين اداڪارن کان الڳ بڻائيندڙ سندس حقيقت پسند اداڪاري هئي. هو مصنوعي انداز کان پري رهندو هو. سندس ڪردار عام ماڻهن جي زندگيءَ مان ڪٽيل لڳندا هئا. هو ڪڏهن غصي ۾ ڀريل پوليس آفيسر، ڪڏهن انقلابي صحافي، ڪڏهن بي رحم ڏوهاري ۽ ڪڏهن مزاحيه شخصيت بڻجي ڏسندڙن کي حيران ڪري ڇڏيندو هو. فلمي نقادن جو چوڻ هو ته نانا پاٽيڪر جي اکين جو تاثر ئي سندس اڌ اداڪاري مڪمل ڪري ڇڏيندو هو. سندس آواز ۾ اهڙي ڪشش هئي، جيڪا هر مڪالمي کي يادگار بڻائي ڇڏيندي هئي. سندس ڪيترائي جملا ۽ مڪالما اڄ به فلمي تاريخ جو حصو بڻيل آهن.

**قومي ۽ بين الاقوامي مڃتا:** نانا پاٽيڪر پنهنجي فني خدمتن جي اعتراف ۾ ڪيترائي اهم اعزاز حاصل ڪيا. کيس 3 قومي فلم ايوارڊ، ڪيترائي فلم فيئر ايوارڊ ۽ ڀارت جو اعليٰ شهري اعزاز پدم شري مليو. اهي اعزاز رڳو سندس مقبوليت نه پر سندس فني عظمت جو به ثبوت آهن. هو انهن ٿورڙن اداڪارن مان هڪ هو جن کي عوام ۽ نقاد ٻنهي جي هڪجهڙي محبت حاصل هئي. سندس هر نئون ڪردار فلمي حلقن ۾ بحث جو موضوع بڻجي ويندو هو.

**انسان دوست شخصيت:** نانا پاٽيڪر جي شخصيت جو هڪ اهم رُخ سندس انسان دوستي هئي. هو صرف پردي تي هيرو نه هو پر حقيقي زندگيءَ ۾ به ماڻهن جي مدد لاءِ اڳتي ايندو هو. خاص طور تي هارين جي مسئلن بابت سندس حساسيت مشهور هئي هن ڪيترن ئي فلاحي منصوبن ۾ حصو ورتو ۽ معاشي تڪليفن ۾ ورتل خاندانن جي مدد ڪئي. خشڪ سالي، فصلن جي تباهي ۽ قرضن سبب پريشان هارين لاءِ سندس ڪوششون هميشه ياد رکيون وينديون. هو يقين رکندو هو ته سماج ۾ خوشحالي تڏهن ايندي، جڏهن ڪمزور طبقي جي مدد ڪئي ويندي.

**سادگي، جيڪا مثال بڻجي وئي:** فلمي دنيا جي چمڪ جي باوجود نانا پاٽيڪر نهايت سادي زندگي گذاريندو هو. هو وڏين تقريبن ۽ غيرضروري نمائش کان پاسو ڪندو هو. ڪيترائي ڀيرا کيس عام ماڻهن وانگر سفر ڪندي ۽ روزمره جي زندگي گذاريندي ڏٺو ويو. سندس سادگي سبب ماڻهو کيس پنهنجو ماڻهو سمجهندا هئا. هو اسٽار هئڻ باوجود زمين سان جڙيل رهيو. اڄ جي دور ۾ اها هڪ ناياب خوبي سمجهي وڃي ٿي.

**نانا پاٽيڪر جي وراثت:** نانا پاٽيڪر جو نالو ڀارتي سينيما جي تاريخ ۾ هميشه سنهري اکرن سان لکيو ويندو. هن ثابت ڪيو ته عظيم اداڪار ٿيڻ لاءِ روايتي خوبصورتي يا وڏا وسيلا ضروري ناهن پر اصل اهميت قابليت، محنت ۽ فن سان محبت جي آهي. اڄ جڏهن سندس مداح سندس فلمن جا منظر ۽ مڪالما ياد ڪن ٿا ته سندن اکين ۾ اداسيءَ سان گڏ فخر به نظر اچي ٿو ته هنن پنهنجي دور ۾ اهڙو عظيم فنڪار ڏٺو. سندس فن ايندڙ نسلن لاءِ الهام جو سرچشمو رهندو.

نانا پاٽيڪر جي لاڏاڻي سان ڀارتي فلمي صنعت جو هڪ روشن باب بند ٿي ويو پر سندس يادگيريون، فلمون، ڪردار ۽ فني خدمتون هميشه زنده رهنديون. اڄ سندس ئي لفظ سندس لاءِ سڀ کان وڏو خراج عقيدت بڻجي ويا آهن: 'اسان کان پوءِ محفلن ۾ افسانا بيان ٿيندا، بهارون اسان کي ڳوليندي رهجي وينديون، خبر ناهي اسين ڪهڙي جهان ۾ هونداسين.' نانا پاٽيڪر جسماني طور تي اسان کان وڇڙي ويو آهي پر سندس فن شخصيت ۽ يادگيريون هميشه زنده رهنديون ۽ برصغير جون سينيمائون کيس هڪ لازوال فنڪار طور سدائين ياد رکنديون.

# تعصب، اڳ کان وڌيڪ شدت اختيار ڪندو وڃي ٿو

محمود شام

ڪو به پنهنجي موقف تان پوئتي هٽڻ لاءِ تيار نه هو تنهن ڪري اسلام آباد ۾ ٿيل ڳالهيون ڪامياب نه ٿي سگهيون اسلام آباد ۾ اڳ به ٿيندڙ ڳالهين جو چرچو سڄي دنيا ۾ ٿيو پر هڪ ٽر جو ضد ۽ ڳالهين کي پنهنجي حق ۾ موڙڻ واري انداز سبب اهي ڳالهيون مفاهمت جي يادداشت تي صحيحون ٿيڻ باوجود اڄ تائين بي نتيجا رهيون آهن. شايد 21هين صديءَ جوهيءَ ڏهاڪو ڳالهين ۽ مفاهمت لاءِ سازگار ئي ناهي.

قافلا روانا ٿي چڪا آهن. چهرا جوش سان ٻهڪي رهيا آهن دنيا ڏسي رهي آهي ته هڪ سياسي پارٽيءَ جا ڪارڪن ڪهڙي جوش ۽ جذبي سان هن احتجاج ۾ شريڪ ٿي رهيا آهن. ڏک ان ڳالهه جو آهي ته پاڪستان ۾ حالتون معمول تي نٿيون اچن اسان عدمِ تحفظ جو شڪار آهيون. اعتماد جو سنگين بحران موجود آهي ۽ تعصب اڳ کان وڌيڪ شدت اختيار ڪندو نظر اچي ٿو 8 ڏهاڪن دوران حڪمرانيءَ جي نظام کي آهستي آهستي ڪمزور ڪيو ويو. ميرٽ جو قتل ٿيو. معزز عدالتن جا فيصلا آئين ۽ قانون موجب ٿيڻ بدران وقت ۽ حالتن کي ڏسي ڪيا ويا. آئين نسلي، لساني ۽ فرقيوارانو تعصب مضبوط ٿيندو رهيو ناانصافيءَ جا اصل سبب معلوم ڪرڻ بدران ان جو سبب ڪنهن مسلڪ يا صوبي سان وابستگيءَ ۾ ڳوليو ويو يا رياست جي ڪمزور ٿيڻ کي ذميوار قرار ڏنو ويو. اهڙيءَ ريت صوبائيت وڌندي وئي. هڪ بااختيار صدر طرفان پنهنجا اختيار پارليامينٽ کي واپس ڏيڻ لاءِ ڪيل 18هين ترميم صوبن کي خودمختياري ڏيڻ بدران صوبائي تعصب جو بنياد بڻجي وئي. تاريخ ۾ ڪيترائي نازڪ موقعا اڳ به ايندا رهيا آهن مُلڪي سربراهن وچ ۾ اختلاف به ٿيندا رهيا آهن. انهن ڏينهن ۾ ٽرائيڪا (ٽن اهم ماڻهن يا ٽن ڌرين جو گڏيل گروهه) جي ڳالهه ڪئي ويندي هئي. ٽرائيڪا جي ٽن مان جيڪڏهن ٻه هڪ پاسي ٿي ويندا هئا ته ٽئين کي گهر موڪليو ويندو هو. پر هر اهڙي موقعي تي ڪي اهڙا ادارا يا سربراهه موجود هوندا هئا، جيڪي ڌرين وچ ۾ غلط فهميون ختم ڪري ملڪ ۾ منصفاڻين چونڊن لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪندا هئا. 90 واري ڏهاڪي ۾ آرمي چيف جنرل عبدالوحيد ڪاڪڙ سخت رياستي فارمولو اختيار ڪرڻ بدران هڪ ٻئي جي دلين مان ناراضگي ختم ڪرڻ جو ارادو ڪيو هن پاڻ اقتدار سنڀالڻ بدران صدر سان ملاقاتون ڪيون، وزيراعظم سان مليو ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻ سان به ملاقات ڪئي جڏهن هن منصفاڻين چونڊن جي خاطري ڪرائي ته ملڪ ۾ هڪ خوشگوار ماحول پيدا ٿي ويو هاڻي اهڙي ڪا شخصيت نظر نٿي اچي، جنهن جي ڳالهه جو سڀ احترام ڪن ۽ جنهن جي خاطريءَ تي سڀ اعتبار ڪن ان جي بدران گهٽيون اهڙيون قوتون ۽ شخصيتون موجود آهن، جيڪي اختلافن کي وڌيڪ هوا ڏين ٿيون. بلڪ اهڙا بيان جاري ڪيا وڃن ٿا، جن سان صورتحال بهتر ٿيڻ بدران وڌيڪ خراب ٿئي ٿي تاريخ ۾ تڪرار هميشه صرف هڪ ئي طريقي سان حل ناهن ٿيا ته بس ڪنهن ڌيل تي زور ڏنو وڃي. وقت گذرڻ سان مسئلا ايتري شدت اختيار ڪري چڪا آهن جو هاڻي عام ماڻهن جو اعتبار ئي ختم ٿيندو پيو وڃي. جڏهن درد حد کان وڌي وڃي ته اهو ئي دوا بڻجي وڃي ٿو. اسان کي سختيءَ بدران هم آهنگي، نرمي ۽ مهربانيءَ ڏانهن رُخ ڪرڻو پوندو.

ڪرو مهرباني تم اهل زمين پر
خدا مهربان هوگا عرشِ برين پر

1971ع رڳو پاڪستان جي تاريخ جو نه پر سڄي اسلامي دنيا جي تاريخ جو هڪ وڏو الميو آهي. جيڪڏهن تاريخ ان سانحي کي ٻيهر ورجائي ٿي ته اسان سڀني لاءِ سڌي واٽ اها ئي آهي ته جن به سببن سان اها شڪست ۽ تباهي آئي هئي، انهن کي ٻيهر نه ورجايو وڃي پر انهن سببن کي ختم ڪيو وڃي. مسئلا پهرين کان ڪيترا به سنگين ڇو نه هجن، اهي انسان کان وڏا ناهن هوندا. هن وقت جيڪا صورتحال آهي، اها اسان سڀني لاءِ خطرناڪ آهي. ان سان رياست کي به نقصان پهچي رهيو آهي ۽ رياستي ادارن سان لاڳاپيل ماڻهن کي به. پاڪستان جي عوام جي اڪثريت وڏي ڏکيائيءَ سان زندگي گذاري رهي آهي. نوجوان پنهنجي لاءِ ماحول سازگار نه ڏسي ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ٿي رهيا آهن. جمهوريتن ۾ اهڙا بحران نون منصفاڻين ۽ آزاد چونڊن ذريعي ئي ختم ٿيندا رهيا آهن. هاڻي به آخرڪار آئين ئي ٿيندو پر ٽڪراءُ ۽ جاني نقصان کان بچڻ لاءِ اسان کي فوري قدم کڻڻا پوندا. فارسيءَ جو هڪ مشهور چوڻيءَ وارو شعر آهي ته

هر چه دانا کند، کند نادان
ليک بعد از خرابي بسيار

يعني عقلمند جيڪي ڪم ڪن ٿا، نادان به آخر اهي ئي ڪم ڪن ٿا پر گهڻين خرابين ۽ نقصانن کان پوءِ.

غالب به چيو هو ته

کي ميري قتل کي بعد اس ني جفا سي توبه
هائي، اس زود پشيمان کا پشيمان هونا!

اسان جي سنڌ ۾ سيد نهال هاشمي گورنر جي اعليٰ عهدي تي ويٺل آهي. مون چيو هو ته ميان نواز شريف ڪڏهن ڪڏهن سٺو ڪم به ڪري ويندو آهي. هاشمي صاحب عوامي ماڻهو آهي ۽ اڄ به پنهنجي ان سڃاڻپ کي قائم رکيو اچي. هن وٽ جاگيرون ناهن اسان جي بزرگيءَ کي عوامي سطح تي عزت لائق سمجهندو آهي ان ڪري فلم اينڊ ٽي وي جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي ڪراچي پريس ڪلب ۾ ٿيل حلف برداريءَ واري تقريب ۾ هن صحافين کان پاڻ حلف وٺڻ بدران اها ذميواري مون تي وڌي. هاڻي اهڙا اڳواڻ گهٽ ٿيندا پيا وڃن، جيڪي پنهنجن قدرن، روايتن ۽ وضعداريءَ کي نڀائيندا هجن.

جڏهن فلمي دنيا جو دور پنهنجي عروج تي هو ته فلمي صحافين جو به وڏو شان هوندو هو ڪيترائي وڏا صحافي هن شعبي ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ نڀائيندا رهيا. مون کي علي سفيان آفاقي، عاشق چوڌري، مستنصر جاويد، اقبال احمد خان ۽ اسد جعفري ياد اچن ٿا. ڪيترائي رسالا به ذهن ۾ اچن ٿا، جيڪي لاهور ۽ ڪراچيءَ مان شايع ٿيندا هئا ۽ فلمي صنعت کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا هئا. هندستان ۾ ادريس دهلوي مسافر بڻجي اسان کي بمبئيءَ جي فلمي دنيا جون تازيون خبرون رسالي 'شمع' ذريعي ڏيندو هو. فلمي اشتهارن کي به ياد ڪريو جيڪي جنگ اخبار جي صفحن جو حصو هوندا هئا. "ڪروڙين دلين جي ڌڙڪن مسرت نذير"، "جذبن جي راڻي صبيحه خانم" جهڙا جملا ماڻهن جي ذهنن ۾ اڄ به موجود آهن آمريڪا جي فلمي مرڪز هالي ووڊ پنهنجي فلمن ذريعي انڊونيشيا کان ڪينيڊا تائين پنهنجو ثقافتي اثر متعارف ڪرايو ۽ اوڀر جي گڏيل خاندان واري روايت کي سخت متاثر ڪيو هندستاني فلمن به سڄي دنيا ۾ پنهنجي ثقافت کي هٿي وٺرائڻ جون ڪوششون ڪيون پاڪستاني فلمي صنعت پنهنجي ڪهاڻي ۽ موسيقيءَ ذريعي ماڻهن جي دلين ۾ جاءِ ناهي خورشيد انور جي موسيقي ۽ قتيل شفائيءَ جا گيت ڪير ٿو وساري سگهي؟ فلمي تنقيدي تبصرا به سڄي دنيا ۾ وڏي شوق سان پڙهيا ويندا هئا. پي ٽي وي جي پروگرامن ۽ خبرن تي تابنده لاريءَ جا تبصرا تمام گهڻو مشهور ٿيندا هئا. مبصر نواب ڪيفي کي به ياد ڪريو پي ٽي وي جا ڊراما پاڙيسري ملڪن ۾ به وڏي شوق سان ڏٺا ويندا هئا. پر هاڻي سوشل ميڊيا جو دور آهي ڏيڍ يا ٻن ڪلاڪن جي فلم بدران چند سيڪنڊن جي ٽڪ ٽاڪ وڊيو ناظرين کي متاثر ڪري ٿي پر ايتري ئي تيزيءَ سان اهو اثر ختم به ٿي وڃي ٿو هاڻي تفريح ۽ وندر جي ڪهڙي صورت هجڻ گهرجي؟ اهو اسان جي ثقافتي رپورٽرن ۽ ڪلچر ايڊيٽرن کي طئي ڪرڻ گهرجي اخبار جي صفحن سان گڏ موبائل فون جي اسڪرين تي به پنهنجي قلم جو جادو ڏيکارڻو پوندو هاڻي لکڻيءَ کي 'ڪانٽينٽ' چيو وڃي ٿو تقريب ۾ مصطفيٰ قريشي صاحب سان گڏ ويهڻ جو موقعو مليو مون ڪين عرض ڪيو ته فلمي دنيا جي عروج جون يادون ڪتابي صورت ۾ آڻيو يا ان تي ڪا دستاويزي فلم تيار ڪرايو جيڪو هڪ اهم اثاثو آهي ۽ اهو ايندڙ نسل ڏانهن منتقل ٿيڻ گهرجي

# نانا پاٽيڪر جو ديهانت

مير اعظم علي ٽالپر

اڄ صبح سوير (ڪالهه خميس) هندستان جي تفريح واري شهر گوا ۾ مشهور اداڪار نانا پاٽيڪر دل جو دورو پوڻ ڪري گذاري ويو. اڄ خميس (ڪالهه) ڏينهن صبح فجر وقت هُو پنهنجي گهر ۾ بيهوش ٿي ويو ۽ اسپتال ۾ ڊاڪٽرن 45 منٽ وڏي ڪوشش ڪئي ته هُو هوش ۾ اچي وڃي پر اُها ڊاڪٽرن جي جدوجهد ڪامياب نه ٿي سگهي ۽ هُو انهيءَ ڪوشش دوران بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڪو به اثر نه ٿيڻ بعد دنيا کي 75 سالن جي عمر ۾ الوداع ڪري ويو. هيءَ هندستاني فلم انڊسٽري بالي ووڊ جو هڪ بهترين ڪلاسيڪل اداڪار هو هن جو اصل پورو نالو وشوناٿ 'نانا' پاٽيڪر هو. هن جو جنم پهرين جنوري (جيئن اڪثريت ۾ جنم جي تاريخ لکبي آهي وانگر) 1951ع تي مهاراشٽر جي ضلعي رائي ڳڙهه جي هڪ ڳوٺ مرود جنجيرا ۾ ٿيو هو هن جي والد جو نالو دنڪر پاٽيڪر ۽ والده جو نالو سنجانا ٻائي هو. نانا پاٽيڪر جي زندگي به عجيب مصيبتن واري گذري آهي. هن 13 سالن جي ننڍي عمر ۾ سِرَ جي ٻچيءَ تي مزدوري ڪئي. ان کان پوءِ روڊن رستن تي رنگ سان پٽا (ڪراسنگ وارا) ناهڻ جو ڪم ڪيائين. البت ممبئي ۾ جي. جي انسٽيٽيوٽ آف اپلائيڊ آرٽ ۾ تعليم حاصل ڪئي نانا پاٽيڪر هڪ مشهور ۽ مايه ناز فلم اسٽار هئڻ سان گڏوگڏ مصنف، فلمساز به هو. جنهن پنهنجي بهترين اداڪاري سان گڏ جاندار ڊائيلاگ، ڊليوري ۽ پرفارمنس سبب وڏو نالو ڪمايو. اُن ڪري هندي ۽ مراٺي سئنيما ۾ سندس شهرت آسمان تي پهچي وئي. نانا پاٽيڪر جي فلمي سفر جي شروعات 1978ع دوران فلم 'گمن' کان ٿي. جيتوڻيڪ اُن کان اڳ ۾ هن ڪجهه مراٺي فلمن ۾ ننڍا ننڍا رول به ادا ڪيا هئا. حقيقت ۾ نانا پاٽيڪر کي 1980ع ۽ 1990ع جي ڏهاڪي ۾ وڏي شهرت ملي. جڏهن هن فلم 'پرندا' 1989ع ۾ 'انا' وارو ڪردار ادا ڪيو ۽ اُن تي هن کي فلم فيئر ايوارڊ به مليو. اُن کانپوءِ 1993ع ۾ فلم 'ترنگا' ۾ اول ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ راجڪمار سان سيٽ تي ڳالهائيندو

به نه هو پر پوءِ هن اُن فلم ۾ انسپيڪٽر واڳلي جو مشهور ڪردار ادا ڪيو هو. فلم 'ڪرانتي وير' ۾ به کيس قومي ايوارڊ سان نوازيو ويو. جيڪا 1994ع ۾ رليز ٿي هئي. اُن ڪانسواءِ ٻين مشهور فلمن ۾ 'اب تڪ ڇپن، راج نيتي، خاموشي، ڀهران' وغيره وغيره ۾ اداڪاري ڪئي. هيءَ بالي ووڊ جو اڪيلو اداڪار هو جنهن کي 3 دفعا فلم فيئر ايوارڊ ۽ چار ڀيرا قومي ايوارڊ سان نوازيو ويو آهي. اُن سلسلي ۾ هن کي بهترين هيرو، بهترين معاون اداڪار ۽ بهترين ولن، يعني ٽنهي ڪيٽيگرين ۾، ايوارڊ ملي چڪا آهن اُن ڪانسواءِ نانا پاٽيڪر جي ڊگهي فلمي ڪيريئر ۾ سندس خدمتن ۽ مڃتا طور کيس 2013ع ۾ پدم شري جي اعزاز سان پڻ نوازيو ويو. نانا پاٽيڪر جي فلمي زندگي جيتري خوبصورت ۽ سهڻي نظر اچي ٿي پر سندس گهريلو زندگي اوتري نااتفاقي سبب خراب نظر اچي ٿي. هن جي شادي نيلا ڪانتي پاٽيڪر سان ٿي هئي ۽ اُن مان هن کي پٽ ملهار به ڄائو جيڪو هاڻ ملهار پاٽيڪر نالي جوان آهي پر گهر واريءَ سان اڻ بڻت سبب هُو ڙال کان ڌار گوا ۾ رهندو هو ۽ اُتي پنهنجي زندگيءَ جي آخري سفر تي روانو ٿيڻ تائين هو هُو گوا جي گهر ۾ جدا رهندڙ هو جڏهن ته گوا جي سمنڊ ڪناري روشني واري زندگي ۽ تفريح تي تفريح هئي. راقم جي گهر ۾ نانا پاٽيڪر کي گهڻو پسند ڪيو ويندو آهي راقم جي گهر ۾ نانا پاٽيڪر جي سڃاڻپ رڳو هڪ اداڪار طور نه. پر ڪلمو شريف پڙهڻ ۽ درود شريف پڙهڻ واري شخص طور پڻ هئي. هن جي ساهه جو سڳو ڪالهه گوا جي علائقي ڊونا پائولا جي فليٽ ۾ ٽٽي ويو ۽ جنهن وقت اڄ شام 4 وڳي (ڪالهه) هي تحرير قلمبند ٿي رهي هئي ته ممبئي جي شمشان گهاٽ ۾ سندس آخري رسمون سرانجام ڏنيون پئي ويون. مهاراشٽر سرڪار سندس وفات تي صوبائي سوڳ طور ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ بالي ووڊ جي مايا نگري به سوڳ ۾ مبتلا آهي. اُن ڪانسواءِ نانا پاٽيڪر جا مداح به افسوس ۾ آهن ناگپور مان سنڌي رنگ منجهه جي نالي واري ليڪ ڪشور لالوائي ٻڌايو ته نانا پاٽيڪر جو مزاحيه ڪردار فلم 'ويلڪم' ۾ زبردست هو.

# ايس ايم ايز ۽ زراعت لاءِ مالي سهولتن ۾ واڌ!

محمد واحد

ننڍا ۽ وچولي درجي جا ڪاروبار (SMEs) ۽ زراعت پاڪستان جي معيشت جا به بنيادي ٿنڀا آهن اهي ٻئي شعبا نه رڳو وڏي پيماني تي روزگار جا موقعا پيدا ڪن ٿا پر ڳوٺائي ۽ شهري سطح تي معاشي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ذريعي مجموعي قومي پيداوار (GDP) ۾ پڻ نمايان حصو وٺن ٿا. گذريل ڪجهه سالن دوران ريگيوليٽري قدمن، مخصوص ملي پليسي ۽ بئنڪن پاران شريعت جي اصولن مطابق ملي حلن جي تعارف جي نتيجي ۾ انهن شعبن لاءِ ملي سهڪار جي حوالي سان هڪ نمايان تبديلي آئي آهي اهو ريگيوليٽري قدم هدف تي ٻڌل ملياتي پليسي ۽ بئنڪن پاران شريعت جي اصولن مطابق حل متعارف ڪرائڻ جي ڪري آهي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان (SBP) جي انگن اکرن موجب ملي سال 2025ع دوران ننڍن ۽ وچولي درجي جي صنعتن (SMEs) لاءِ ملياتي سهولتن ۾ 41 سيڪڙو واڌ ٿي آهي جڏهن ته زرعي قرضن ۾ 15 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي اها اڳڀرائي انهن شعبن تي ڌيان ڏيڻ جي عڪاسي ڪري ٿي جن کي اڳ ۾ گهٽ توجهه ملي هئي ۽ اهو ظاهر ڪري ٿي ته معيشت گذريل سالن جي ملي ۽ معاشي دٻاءُ کانپوءِ هاڻي مستحڪم بحاليءَ طرف گامزن آهي زرعي قرضن جو حجم 2.58 ٽريلين روپين تائين پهچي ويو آهي. جيڪو نه رڳو مقرر قومي هدف کان وڌيڪ آهي پر گذريل سال جي ڀيٽ ۾ 16.3 سيڪڙو اضافو پڻ ظاهر ڪري ٿو ساڳئي وقت زرعي قرضن جو مجموعي پورٽ فوليو وڌي 9953 ارب روپين تائين پهچي ويو آهي ۽ فعال قرض وٺندڙن جو تعداد 29 لک (2.9 ملين) تائين پهچي ويو آهي اهي انگ اکر پاڪستان جي زرعي شعبي ۾ ملي شموليت جي واڌاري، قرضن تائين بهتر رسائي ۽ هارين لاءِ ملي سهولتن جي توسيع کي نمايان ڪن ٿا.

اقتصادي موقعن ۾ ٿيندڙ هن واڌاري اسلامي ملياتي ادارن (خاص طور تي انهن ادارن کي جن جي پهچ شهري ۽ ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ وسيع آهي) جي حوصلا افزائي ڪئي آهي ته اهي پاڪستان جي ڪاروباري ماحول جي مدد لاءِ منظم ۽ اثرائتيون ملياتي خدمتون (يا پراڊڪٽس) متعارف ڪرائين فيصل بئنڪ انهن ادارن ۾ نمايان حيثيت رکي ٿو ۽ ننڍن توڙي وچولي درجي جي ڪاروبارن (SMEs) ۽ زرعي شعبي کي شريعت جي اصولن مطابق ملياتي سهولتون فراهم ڪري ٿي پاڪستان ۾ ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن (SMEs) کي ٽن بنيادي چئلينجن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو: ورڪنگ ڪيپيٽل (هلندڙ سرمائي) تائين محدود رسائي، ڪاروبار کي وسيع ڪرڻ ۾ رڪاوٽون ۽ انهن جي ڪاروباري توڙي آپريشنل چڪرن سان مطابقت رکندڙ ملياتي نظامن جو فقدان انهن ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ اسلامي ملياتي طريقا عملي ۽ اثرائتي ملي حلن طور سامهون آيا آهن اهي نه رڳو شريعت جي اصولن مطابق ملپات فراهم ڪن ٿا پر ڪاروباري ضرورتن مطابق پائيدار ترقيءَ لاءِ لچڪ ۽ بنياد پڻ مهيا ڪن ٿا خام مال تيار ٿيل سامان يا اسپيئر پارٽس جي خريداريءَ ۾ ايس ايم ايز کي قيمت ۽ هڪ مقرر ڪيل منافعي جي مارجن جي بنياد تي هڪ واضح سيلز ڊانچي ذريعي سهولت فراهم ڪري ٿو اهو مختصر مدي ۾ ڪم ڪندڙ سرمائي جي گهرجن جي شفافيت کي پورو ڪرڻ جي قابل بڻائي ٿو استصنا پاڪستان جي پيداوار ۽ تعميراتي شعبن لاءِ مناسب آهي جاڪاڻ ته اهو آرڊر تي ٻڌل فنانسنگ فراهم ڪري ٿو جيڪو پيداوار جي مرحلن ۽ ڪاروباري چڪر سان هڪ مؤثر ادائيگيءَ جو نظام قائم ڪري ٿو 'اِجاره' (Tijarah) ۽ 'سلام' (Salam) واپارين جنسن جي ڪاروبار ڪندڙن ۽ زرعي شعبي جي ڪمپنين لاءِ مؤثر حل فراهم ڪن ٿا، جنهن ذريعي شريعت جي اصولن مطابق اڳواٽ يا دير سان ادائيگيءَ جي انتظامن ذريعي ڪاروباري ضرورتون پوريون ڪري سگهجن ٿيون 'مشارڪه' (Musharakah) نفعي ۽ نقصان ۾ ڀائيواريءَ جو هڪ اهڙو نظام آهي جيڪو ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن (SMEs) کي پنهنجي ڪاروباري ضرورتن مطابق فنانس ڪرڻ ۽ جمع ڪرائڻ جي سهولت ڏئي ٿو ۽ ان طريقي سان ڀائيوارن جي مفادن کي شفاف انداز ۾ هڪ ٻئي سان جوڙي ٿو روايتي اسلامي فنانسنگ طريقن سان گڏ، منظم سپلائي چين فنانس ۽ ٽريڊ فنانس پليٽ فارم پڻ ايس ايم ايز جي واڌ ويجهه لاءِ اهم آهن ڊجيٽل پليٽ فارمن ۽ ڪراسپونڊنٽ بينڪنگ لاڳاپن ذريعي ڪاروبار هاڻي درآمد يا برآمد فنانسنگ، ضمانتون ۽ دستاويزي ڪريڊٽ تائين رسائي حاصل ڪري سگهن ٿا، انهيءَ ڪري انهن کي ملڪي ۽ بين الاقوامي مارڪيٽن سان مؤثر طريقي سان ڳنڍڻ جي قابل بڻائي ٿو زراعت، جيڪا لکين ماڻهن کي روزگار فراهم ڪري ٿي ۽ خوراڪ جي تحفظ جو بنياد بڻيل آهي پاڪستان جي معيشت جي ڪرنگهي واري هڏيءَ جي حيثيت رکي ٿو اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان (SBP) جي زرعي قرضن جي توسيع واري منصوبن تحت هارين لاءِ ملياتي سهولتن تائين رسائي ۾ نمايان واڌ ٿي آهي اها اڳڀرائي قومي پاليسين جي قدمن ڊجيٽل ڪريڊٽ اسڪورنگ ۽ خطرن کي گهٽائڻ واري فريم ورڪ ذريعي وڌيڪ مضبوط ٿي آهي ان پسمنظر ۾ فيصل بئنڪ 'فيصل خوشحال ڪسان اسڪيم' متعارف ڪرائي آهي. اهو زرعي ۽ غير زرعي سرگرمين لاءِ اسلامي ملياتي اصولن تي ٻڌل هڪ جامع نظام آهي اها اسڪيم مختلف ضرورتن لاءِ ملي سهولتون فراهم ڪري ٿي جن ۾ فصلن جي پيداوار، زمين جي بهتري، آبپاشي نظام، زرعي مشينري، چوپايو مال پالڻ، پولٽري، ماهيگيري ۽ شمسي توانائيءَ تي هلندڙ ٽيوب ويلز جهڙا قابل تجديد توانائيءَ جا حل شامل آهن بئنڪ جي ڪاروباري طريقيڪار ۾ "رسائي (Accessibility)" کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي ڳوٺائي علائقن ۾ قائم شاخن ۽ مشاورتي خدمتن جي وسيع نيٽ ورڪ ذريعي هاري پنهنجي ڪاروباري مرڪزن جي ويجهو ئي ملي سهولتون حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ ان سان گڏوگڏ فيصلا ڪرڻ لاءِ رهنمائي پڻ حاصل ڪري سگهن ٿا.

پاڪستان جا ننڍا ۽ وچولا ڪاروبار (SMEs) ۽ زرعي شعبا هاڻي هڪ اهڙي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪا آهن جتي مضبوط ادارتي سهڪار، ريگيوليٽري هم آهنگي ۽ ڊجيٽلائيزيشن جي ڪوششن کي تيز ڪيو پيو وڃي جيڪڏهن بئنڪون جديد طريقا اختيار ڪن شريعت جي اصولن مطابق ملياتي نظامن کي استعمال ڪن ۽ انهن شعبن تائين پنهنجي پهچ وڌائين جن کي اڃا تائين مناسب سهولتون نه مليون آهن ته ملي سهڪار ۾ نمايان واڌ هوندي. انهيءَ جا روزگار، پيداواري صلاحيت ۽ ڳوٺائي توڙي شهري معيشتن وچ ۾ رابطن تي گهرا اثر پوندا پاڪستان لاءِ، ننڍا ۽ وچولا ڪاروبار (SMEs) ۽ زراعت صرف معاشي شعبا نه پر پائيدار ترقيءَ جا بنيادي ٿنڀا آهن فيصل بئنڪ (Faysal Bank) جهڙا ادارا شريعت جي اصولن مطابق آسان ۽ سهولت وارا ملياتي حل تحت نه رڳو قرضن جي فوري ضرورتن کي پورو ڪري رهيا آهن پر ڪاروباري جدت ۽ انٽرپرينيوئرشپ کي هٿي وٺرائڻ ملي استحڪام آڻڻ ۽ قومي معيشت جي پائيداريءَ ۾ پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

# اڄوڪو ڏينهن ---- 09 آڪٽوبر

### جسٽس ظفر حسن مرزا

هن نامور قانوندان جو جنم 9 آڪٽوبر 1926ع



تي ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس والد مرزا علي نواز بيگ پنهنجي دور جو وڏو ليکڪ هو ۽ انگريزن جي دور ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي ڪم ڪندو هو. ظفر حسن مئٽرڪ جو امتحان حيدرآباد جي نورمحمد هاءِ اسڪول مان ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان ايس ايم آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو. اڳتي هلي لا ڪاليج حيدرآباد مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪري وڪالت شروع ڪيائين. 1960ع ۾ سول جج مقرر ٿيو ۽ 1975ع ۾ کيس هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ڪيو ويو. 1981ع ۾ پاڪستان جي سپريم ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو. هن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمين، بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي جج ۽ سنڌ جي ايڊوڪيٽ جنرل طور پڻ ذميداريون سنڀاليون. هن 27 آگسٽ 2015ع تي وفات ڪئي. مشهور سياستدان ذوالفقار مرزا سندس پٽ آهي. جڏهن ته هن جي گهرواري افروز بيگم قاضي عبدالمجيد عابد جي ڀيڻ هئي.

### ڊاڪٽر گووند هولارام نرسنگهاڻي

ڊاڪٽر گووند هولارام هڪ سماج سڌارڪ ۽ تعليمدان طور هندستان جي سنڌي وسندين ۾ پنهنجي خاص سڃاڻپ رکي ٿو. سندس جنم 9 آڪٽوبر 1944ع تي سنڌ جي شهر شهدادڪوٽ ۾ ٿيو.

1947ع واري ورهاڱي کان پوءِ سندس خاندان پهرين احمدآباد ۽ پوءِ کوهلاپور ۾ وڃي ٽڪيو. هن سموري تعليم کوهلاپور ۾ حاصل ڪئي ۽ 1969ع ۾ ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪئي. هن 3 سال کن مختلف سرڪاري اسپتالن ۾ ڪم ڪيو ۽ ان کان پوءِ گانڌي نگر ۾ پنهنجو نرسنگ هوم قائم ڪيو. 1974ع ۾ شري پولارام رئسنگهاڻي ۽ ٻين ساٿين سان ملي هن گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ سنڌو تعليمي سوسائٽي قائم ڪري ڪيترائي اسڪول ۽ ڪاليج کوليا. انهن ۾ هيمون ڪالاڻي پرائمري اسڪول، ساڌو واسواڻي هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج ۽ ٻيا تعليمي ادارا شامل آهن. هو پنهنجي شهر ۾ ڪيترائي ثقافتي، سماجي ۽ تعليمي پروگرام پڻ منعقد ڪرائيندو رهيو آهي.

### صادق علي ميمڻ

اڄ مشهور سياستدان ۽ زميندار صادق علي ميمڻ جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 9 آڪٽوبر 1971ع تي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. سندس والد عبدالحميد ميمڻ به 1970ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو. صادق علي ميمڻ آمريڪا جي اوڪلاهوما اسٽيٽ يونيورسٽيءَ مان

گريجوئيشن ڪئي. هن لڳ ڀڳ 6 سال ڪئنيڊا ۾ ملازمت ڪئي. وطن واپسيءَ تي سياستدان ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين. سندس واسطو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان آهي. هو 2010ع کان 2013ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو. 2013ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو پر ٻٽي قوميت هئڻ سبب کيس نااهل قرار ڏنو ويو. هن سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار طور پڻ ڪم ڪيو.

### استاد بخاري

اڄ سنڌ جي عظيم عوامي شاعر استاد بخاريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. سنڌ جي هن انقلابي شاعر ۽ تعليمدان 16 جنوري 1930ع ۾ سيد حاجن شاهه جي گهر ۾ ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ

غلام چانڊيو ۾ اکيون کوليون. سندس ٻانگ جو نالو پُنهل شاهه هو. 1944ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪري 1946ع ڌاري ٽيپدار مقرر ٿيو پر اها نوڪري سندس طبيعت ۽ مزاج سان نهڪندڙ نه هئي، انڪري انهيءَ نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي 1947ع ۾ پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. 1964ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ماسٽر آف آرٽس جي سند وٺي 1967ع ۾ ڪاليج جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ سنڌ جي مختلف ڪاليجن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي ليڪچر ڏيندي پروفيسر طور رٽائر ٿيو. استاد بخاري شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي. پاڻ هڪ عوامي شاعر هو. جنهن جي شاعري هر سنڌي ماڻهوءَ جي دل جي ڌڙڪن ۽ جذبن جي ترجمان آهي. سندس شاعريءَ ۾ جتي رومانوي رنگ سمايل آهن، اتي قومي سجاڳيءَ ۽ پنهنجي مٽيءَ سان محبت جو پيغام به شامل آهي. سندس شاعريءَ جا 20 کان وڌيڪ مجموعا ڇپجي چڪا آهن. سنڌ جي هن لاثاني ۽ بي مثال شاعر 9 آڪٽوبر 1992ع مطابق 11 ربيع الثاني 1413هه ۾ جمعي جي ڀلاري ڏينهن تي هن فاني جهان مان هميشه لاءِ موڪلايو.

### سيد منظور نقوي

اڄ مشهور شاعر براڊڪاسٽر ۽ موسيقيءَ جي پارکو سيد منظور نقويءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي.

مختيار اٽڙ

هن جو جنم 17 مئي 1924ع تي حيدرآباد جي ٽنڊي جهانيان ۾ ٿيو. هن پرائمري تعليم حيدرآباد جي ڪينٽونمينٽ اسڪول مان حاصل ڪئي، جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان نووديال هاءِ اسڪول (هاٿوڪي ماڊل اسڪول، اولڊ ڪئمپس) حيدرآباد مان پاس ڪيو. هن حڪيم عبدالرحيم وٽ فارسيءَ ۽ عربيءَ جا سبق به پڙهيا. 1944ع ۾ دهليءَ مان ڪامل الاطباءَ جي سند حاصل ڪيائين. هو

1948ع ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ سان لاڳاپجي ويو هن 1956ع ۾ اسڪرپٽ رائيٽر طور ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ 1985ع تائين انهيءَ ريڊيو اسٽيشن سان لاڳاپيل رهيو. هو پنهنجي دور جو وڏو شاعر هو. سندس ڪلام ۾ غزل، ڪافيون، بيت، نوحه، مرثيه، وطن جا گيت ۽ نظم وغيره شامل آهن. هن سنڌي فلمن لاءِ به ڪيترائي وڻندڙ گيت تخليق ڪيا. هن جي لکيل ڪتابن ۾ "سنڌ جي مذهبيت" ۽ "راڳ ۽ تال" شامل آهن. ان کان علاوه سندس ڪجهه ڪتاب اڃا تائين ڇپجي نه سگهيا آهي. هن ناماري انسان 9 آڪٽوبر 1997ع تي هي جهان ڇڏيو.

### ڊاڪٽر سيد غلام مصطفيٰ شاهه

اڄ سنڌ جي عظيم دانشور، تعليمي ماهر ۽ انتظامي سربراهه سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي.

هن مهان شخصيت جو جنم 18 آڪٽوبر 1918ع تي بلڙي شاهه ڪريم شهر ويجهو ڳوٺ قادر ڏنو شاهه ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم سجاول مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان ترتيبوار سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. 1941ع ۾ علي ڳڙهه مسلم يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين. هن ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) ۽ ايل ايل بي جون سندون به حاصل ڪيون. اڳتي هلي انگلينڊ جي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين سيد غلام مصطفيٰ شاهه پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪئي. اڳتي هلي گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. 1960ع ۾ هو تعليم کاتي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ بعد ۾ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو هن 1969ع کان 1973ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر طور ڪم ڪيو. سندس ئي دور ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ملازمن جي رهائشي ڪالوني، شاگردن جون هاسٽلون، سنڌالاجيءَ جي موجوده عمارت، مرڪزي لائبريري، جامع مسجد ۽ ٻيون عمارتون جڙي راس ٿيون. 1988ع وارين عام چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ 1988ع کان 1990ع تائين تعليم جو وفاقي وزير رهيو. پاڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي بورڊ آف گورنرس جو سيڪريٽري پڻ رهيو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ شاهه لطيف ڪلچرل سوسائٽيءَ جو بنياد وجهي سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن تي ڪيترائي ئي ڪانفرنسون ۽ سيمينار منعقد ڪرايائين. هن "سنڌ ڪوارٽرلي" نالي هڪ ٽماهي رسالو پڻ جاري ڪيو. جنهن جو پاڻ ايڊيٽر رهيو. شاهه صاحب جي لکيل ڪتابن ۾ "سير ۽ سفر"، "معاشرو ۽ تعليم"، "سنڌي معاشرو ۽ ان جو مستقبل"، Decline of Education in Pakistan، Lessons of History ۽ "انگريزي سنڌي ڊڪشنري" شامل آهن. هن ناماري انسان 9 آڪٽوبر 1999ع تي وفات ڪئي.

### الاهي بخش سومرو

پاڪستان جي هن نامور سياستدان ۽ انجنيئر

جو جنم 15 مئي 1926ع تي ٿيو سندس واسطو شڪارپور جي مشهور سومرا خاندان سان هو سندس والد حاجي مولا بخش سومرو به سنڌ جو مشهور سياستدان هو هن انجنيئرنگ جي تعليم حاصل ڪئي ۽ ڪيترن ئي اهم انجنيئرنگ ۽ سياسي عهدن تي فائز رهيو. هن جن اهم انتظامي عهدن تي ڪم ڪيو تن ۾ ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل، سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ (سائيٽ) ڪراچيءَ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر، اين اي ڊي انجنيئرنگ ڪاليج آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجي (هاڻوڪي يونيورسٽي) جو پرنسپال، جناح ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪاليج جو پرنسپال ۽ انسٽيٽيوٽ آف بزنس مئنيجمينٽ ڪراچيءَ جو چانسلر شامل آهن. پاڻ 4 ڀيرا پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل جو چيئرمين پڻ رهيو الاهي بخش سومرو سياسي طور به ڪيترن ئي اهم عهدن تي ذميداريون سنڀاليون هو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو ننڍي هوندي جو دوست هو. محترمه بينظير ڀٽو کيس پنهنجو 'چاچو' سڏيندي هئي. هن 16 فيبروري 1997ع کان 20 آگسٽ 2001ع تائين قومي اسيمبليءَ جي 16هين اسپيڪر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. مختلف وقتن تي مختلف وزارتن جا قلمدان به سندس هٿ هيٺ رهيا. هن 9 آڪٽوبر 2024ع تي وفات ڪئي.

# CLASSIFIED ADVERTISMENT

## عام اطلاع

جيئن تہ درخواستگذار نالي محمد ابراهيم ولد ڪريم بخش چنو ويٺل ڳوٺ نبي بخش سعيد پور اڏيرو لال اسٽيشن ، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي تہ سندس والد نالي ڪريم بخش ولد نبي بخش چنوجيڪو تاريخ 14.06.2010 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي ڪاتي تي زرعي زمين ديھہ سعيد پور تپہ A- نوبت مري تعلقہ مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيلين جائز وارث جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي(1) محمد ابراهيم پٽ (2) مسمات شريفان بيواھ (3) مسمات - سڪينہ ڌي درخواستگذار جو وڪيڪ چوڻ آهي تہ فوتي فقہ سني جو مسلمان هو سندس والد ۽ والدہ فوتيءَ جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي الله ڏنو ولد محمد سلجن چنو (2) عبدالقادر ولد ربڏنو چنو جن ڳوٺ رئيس پيراڻو چنو ۾ مقرر ڪيل جلسہ عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو ڪئي آهي.جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ڪجي تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص يا اداري کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو بہ اعتراض هجي تہ هن اشاعت جي (07) ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدي گذري وڃڻ بعد ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نہ رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

## عام اطلاع

جيئن تہ درخواستگذار نالي محمد بخش ولد پريو خان چنو ويٺل ڳوٺ نبي بخش سعيد پور اڏيرو لال اسٽيشن ، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي تہ سندس والد نالي پريو خان ولد نبي بخش چنو جيڪو تاريخ 02.01.1997 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي ڪاتي تي زرعي زمين ديھہ سعيد پور تپہ A- نوبت مري تعلقہ مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيلين جائز وارث جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي(1) محمد بخش پٽ (2)حسين بخش پٽ (3) رسول بخش پٽ(4) نبي بخش پٽ (5) مسمات زينب ڌي(6) مسمات صاحبہ ڌي درخواستگذار جو وڪيڪ چوڻ آهي تہ فوتي فقہ سني جو مسلمان هو سندس گهرواري والد ۽ والدہ فوتيءَ جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي الله ڏنو ولد محمد سلجن چنو(2) عبدالقادر ولد ربڏنو چنو جن ڳوٺ رئيس پيراڻو چنو ۾ مقرر ڪيل جلسہ عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو ڪئي آهي.جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ڪجي تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص يا اداري کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو بہ اعتراض هجي تہ هن اشاعت جي (07) ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدي گذري وڃڻ بعد ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نہ رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

## عام اطلاع

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهہ ڪجي تہ آئون سپنا سنڌو زال لو شناختي ڪارڊ نمبر 4410103303382 رهندڙ فليٽ نمبر 06 ٿرڊ فلور حمزا هائيٽس RCC 24 قاسم آباد هڪ عدد پلاٽ نمبر C-403 بلاڪ III ايراضي 120 اسڪوائر يارڊ واقع قاسم آباد اسڪيم نمبر 1 ديھہ سري تعلقو قاسم آباد ضلعو حيدرآباد نالي محمد خان ولد الله وسايو شناختي ڪارڊ نمبر 4410760173585 رهندڙ ڳوٺ محمد شريف سميجو پي او عمرڪوٽ تعلقو ضلعو عمرڪوٽ حال رهندڙ حيدرآباد کان خريد ڪري رهي آهيان ان بابت اگر ڪنهن بہ شخص يا اداري کي ڪنهن بہ قسم جو ڪو بہ قانوني اعتراض هجي تہ ضروري ڪاغذات سان سب رجسٽرار آفيس ۾ اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر ثبوتن سميت پنهنجو اعتراض داخل ڪري ٻئي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو بہ اعتراض قابل قبول نہ هوندو ۽ پلاٽ جي خريد و فروخت ۾ عمل ۾ آندي ويندي

سپنا سنڌو زال لو شناختي ڪارڊ نمبر 4410103303382

# گهوڙڪي ڪچي ۾ مبينا پوليس پاران ڇڏيل ڏرون حملي ۾ پيرسن فوت، وارثن جو احتجاج

ڳوٺ چاچڙ شيخ لڳ سرن مان ڪانا وڍيندڙ پوڙهيت غوث بخش شيخ ڏرون حملي ۾ سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي وارث ڪٽائي اسپتال آڻي رهيا هئا ته رستي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

لاش ڪٽائي وارثن پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي اعليٰ عملدارن کان نوٽيس وٺي انصاف جو مطالبو

گهوڙڪي (رپورٽ فرمان سومرو) گهوڙڪي جي ڪچو بندي ٿاڻي جي حد ۾ سر ۽ ڪانا ڪٽيندڙ پوڙهيت مان مبينا پوليس پاران ڇڏيل ڏرون جو حملو پيرسن رتورت حالت ۾ وارث

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: پاڪستان ريوينيو جي اڪائونٽنٽ جنرل نثار احمد ڊي جي انفارميشن ڊپارٽمينٽ رئيسه عادل سان ڳالهائي ڪري رهيو آهي

## ڪوٽڙيءَ لڳ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 4 ڄڻا زخمي، هڪ ڄڻو ڳنڀير زخمي حالت ۾ حيدرآباد منتقل

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي بروهي چونڪ واري علائقي ۾ پٺا ۽ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ ڏنڊا ۽ سريا لڳڻ سبب چانڊيا برادري جا 4 ڄڻا عاشق چانڊيو غلام حسين سجاد ۽ ارشاد چانڊيو زخمي ٿي پيا زخمين کي پوليس ليٽر ڏئي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙيءَ منتقل

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

## سيوهڻ ۾ پيرسن عورت جو پينو فقير پٽ سان گڏجي پوليس ۽ بااثر جي ڏاڍاين خلاف احتجاج

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ جي ڪربلا پاڙي واسڻ پيرسن عورت مسمات مٺل جتوئي ڪالهه پنهنجي پينو فقير پٽ غلام علي جتوئي سان گڏ نيشنل پريس ڪلب پهچي راڻيپور ۽ سيوهڻ پوليس سميت بااثر جي ڏاڍاين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري پوليس ۽ بااثرن خلاف نعريبازي ڪئي. ان موقعي متاثر پيرسن عورت صحافين آڏو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

## ٽنڊو محمد خان ۾ ٺاڪر اتحاد پاران واپاري اشوڪ ڪمار جي گرفتاري خلاف احتجاج

ڊاڪٽر امرشي ٺاڪر، ڊيارام ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سوين عورتون ۽ مردن احتجاج ڪيو

پوليس بااثرن جي چرچ تي واپاري اشوڪ ڪمار کي ڪنهن ڏوهه کانسواءِ گرفتار ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان (ن ع) ٽنڊو محمد خان ۾ ٺاڪر اتحاد جي اڳواڻن ڊاڪٽر امرشي ٺاڪر ڊيارام جي اڳواڻي ۾ سوين عورتون ۽ مردن شيخ پرڪيو پوليس هٿان واپاري اشوڪ ڪمار کي مبينا طور بلاجواز گرفتار ڪري گم ڪرڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. احتجاج دوران پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ايس ايڇ او شيخ پرڪيو تي ڪيلي جي واپاري اشوڪ ڪمار کي بااثر ماڻهن جي چوڻ تي گرفتار ڪيو آهي هنن چيو ته اشوڪ ڪمار جي گرفتاري کي 48 ڪلاڪن کان وڌيڪ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

# ڪوٽڙي لڳ ٽرڪ ڊرائيورن کان ڦرلٽ، گاڏيون بيهاري ڌرڻو، مين روڊ بلاڪ، پوليس سان ڇڪرون

چانور گودام پرسان هٿياربند ٽرڪ ڊرائيورن کان هزارين روپيا روڪ ۽ موبائل فون ڦري فرار ٿي ويا

واقعي خلاف ڊرائيورن نيشنل هاءِ وي تي ٽرڪون بيهاري روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو، آمدرفت معطل

پوليس پاران احتجاج ختم ڪرائڻ جي ڪوشش دوران ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي، ڳالهين بعد روڊ کوليو ويو

ڪوٽڙي (رپورٽ حسين شورو) ڪوٽڙي سائيٽ ويجهو نيشنل هاءِ وي تي چانور گودام پرسان نامعلوم هٿياربندن پاران ٽرڪ ڊرائيورن کان هٿيارن جي زور تي هزارين روپيا روڪ ۽ موبائل فون ڦري فرار ٿي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

## سنڌ يونيورسٽي طرفان بيچلر ڊگري پروگرامز ۾ داخلا لاءِ ٻئي مرحلي جي پري انٽري ٽيسٽ اڄ 11 آڪٽوبر تي ورتي ويندي

ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي طرفان بيچلر ڊگري پروگرامز ۾ داخلا لاءِ ٻئي مرحلي ۾ پري انٽري ٽيسٽ اڄ 11 آڪٽوبر تي ورتي ويندي، جنهن جا سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن ڊائريڪٽوريٽ آف ايڊميشنز طرفان ٻئي مرحلي ۾ انٽري ٽيسٽ ڏيندڙ سڀني اميدوارن جا ايڊمٽ ڪارڊ جاري

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

## جاتي ويجهو ڦرمزاحمت تي زخمي پرائمري استاد جي طبعيت وڌيڪ خراب

استاد علي حسن خاصخيلي کي رت واريون الٽيون اچڻ تي ٽنڊو اسپتال منتقل ڪيو ويو

جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي: وارثن جو مطالبو

جاتي (ن ع) تي ڏينهن اڳ اسڪول تان ڊيوٽي ڪري واپس ويندڙ پرائمري استاد علي حسن خاصخيلي کي ٽن هٿياربند ڦورن پاران مبينا طور تشدد جو نشانو بڻائي ۽ موٽرسائيڪل موبائل فون ۽ نقد رقم ڦر ڪرڻ واري واقعي ڪانپوءِ سندس طبيعت وڌيڪ خراب ٿي وئي آهي ڏريعن موجب ڦورن جي تشدد سبب استاد علي حسن خاصخيلي کي رت واريون الٽيون اچڻ لڳيون جڏهن ته جسم جي مختلف حصن تي لڳل ڌڪن ۽ ڳجهي تشدد سبب هو هلڻ ڦرڻ کان به لاچار بڻجي ويو وارثن ۽ مقامي ماڻهن ڪيس فوري طور تعلقه اسپتال

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

لاهور: پوسٽ جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ٽپال کاتي جا ملازم ٽپال جي ڇانٽي ڪري رهيا آهن ٻي طرف ٽپال کي ريل گاڏي ۾ چاڙهيو پيو وڃي

# ميرپورماٿيلو ۾ روڊ جي پنجويهه سالن کان تعمير نه ٿيڻ خلاف جي يو آءِ جي سنڌ تي احتجاج

مظاهرين مولانا ممتاز چاچڙ، مولانا محمد حسن پٺاڻ، علي بخش ميراڻي ۽ ٻين ڊي سي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو

باگوده کان ڊرنگ ملوڪ والي روڊ جي پنجويهه سالن کان تعمير نه ٿيڻ سبب وڏا وڏا کڏا پئجي ويا آهن: مظاهرين

ضلعي ۾ اربين روپين جا فنڊ جاري ٿيڻ باوجود روڊ رستا تعمير ٿيڻ هڪ خواب بڻجي ويو آهي

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپورماٿيلو: باگوده کان ڊرنگ ملوڪ والي روڊ جي پنجويهه سالن کان تعمير نه ٿيڻ خلاف جميعت علماء السلام جي سنڌ تي سوين ماڻهن پاران باگو ڊهو کان ڊي سي گهوڙڪي جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

## پ پ ايم پي اي قاسم سراج سومرو طرفان سنڌ يونيورسٽي جو دورو، وي سي سان ملاقات

ملاقات دوران تعليم ۽ تحقيق سان لاڳاپيل گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

شهيد بينظير ڀٽو چيئر سميت مختلف چيئرز جو دورو ڪري سرگرم ڪردار جي تعريف ڪئي

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ اسيمبلي جي ميمبر محمد قاسم سراج سومرو اڄ سنڌ يونيورسٽي پهچي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغہ امتياز) سان ملاقات ڪئي ملاقات دوران تعليم ۽ تحقيق سان لاڳاپيل گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي وائيس چانسلر معزز مهمان کي سنڌ يونيورسٽي اچڻ تي ڀليڪار چيو ۽ يونيورسٽي جي بهتري لاءِ ڪيل ڪوشش، ٿيل اڳڀرائي، حاصل ٿيل بهتر نتيجن ۽ مستقبل جي رٿابندين بابت آگاهي ڏني جنهن کي هر سطح تي ساراهيندي وائيس چانسلر جي ڪوشش

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

## خيرپور ۾ عوامي ايڪسپريس ٽرين مان عورت ڪري زخمي، اسپتال منتقل، سجاڳپ لاءِ جاچ جاري

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۾ سينٽرل جيل پرسان ڪراچي کان لاهور ويندڙ عوامي ايڪسپريس ٽرين مان نامعلوم عورت ڪري زخمي سول اسپتال منتقل سڃاڻپ لاءِ جاچ جاري. اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ سينٽرل جيل پرسان لاهور کان ڪراچي ويندڙ عوامي ايڪسپريس ٽرين مان هڪ نامعلوم نوجوان عورت اوچتو ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ هوءَ سخت زخمي ٿي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

## ڪوٽڙي سائيٽ ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل، 3 زخمي

بروهي چوڪ چانڊيا وٽ ٿيل جهيڙي ۾ غلام حسين، سجاد، ارشاد ۽ عاشق چانڊيو زخمي ٿي پيا

هڪ زخمي عاشق چانڊيو کي حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو فوت ٿي ويو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي بروهي چوڪ وٽ ٻارن جي راند دوران معمولي ڳالهه تان چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو ڌرين پاران هڪٻئي تي ڏنڊن لٺين ۽ سرون سان شديد حملو ڪيو ويو جنهن سبب علائقي ۾ سخت خوف ۽ دهشت پکڙجي وئي، جهيڙي جي نتيجي ۾ چانڊيا برادري جا 4 ڄڻا غلام حسين چانڊيو سجاد چانڊيو ارشاد چانڊيو ۽ عاشق چانڊيو سخت زخمي ٿي پيا جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. زخمي عاشق چانڊيو کي ڳنڀير زخمي حالت ۾ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي جتي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

## حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙي رح جو راڳي فقير امير بخش مگسي لاڏاڻو ڪري ويو

بلڙي شاهه ڪريم (ن ع) حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙي رح جو راڳي فقير امير بخش مگسي ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد اڄ 90 سالن جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. سندن لاڏاڻي جي خبر پوڻ تي علائقي جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ روحاني حلقن سميت دوستن عزيزن ۽ عقيدتمندن ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي آهي فقير امير بخش مگسي پنهنجي آواز ۽ راڳ ذريعي شاهه

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: جهيڙي جا زخمي پنهنجا زخم ڏيکاري رهيا آهن

## هالا ۾ جماعت اسلامي پاڪستان پاران فلسطين جي مظلوم مسلمانن سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

هالا (ن ع) هالا ۾ جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان جي هدايتن تي فلسطين جي مظلوم مسلمانن سان اظهار يڪجهتي لاءِ جماعت اسلامي پاران غزه مارچ ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ جماعت اسلامي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي جماعت اسلامي ضلعي مٽياري جي امير فقير محمد لاڪو ۽ اياز احمد اصلاحي جي اڳواڻي ۾ باب النوح کان شروع ٿي جيڪا شهر جي مختلف رستن ۽ هنڌن

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

## خيرپور ۾ مرحوم مير علي مراد خان ٽالپر جي ٽيهين جي تقريب، مجلس عزا منعقد

تاريخي فيض محل ۾ تقريب ۾ سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان مان هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي

مجلس عزا کي پروفيسر شيخ وزير علي بوترابي ۽ سيد رضا عباس شاهه خطاب ڪيو

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيدپنهور) خيرپور جي اڳوڻي رياست جي آخري حڪمران هز هائينس مرحوم مير علي مراد خان ٽالپر جي تاريخي فيض محل ۾ ٽيهين جي تقريب منعقد ٿي، جنهن ۾ سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان مان هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي. مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ مجلس عزا پڻ منعقد ڪئي وئي تفصيل موجب، اڳوڻي رياست خيرپور جي آخري حڪمران هز هائينس مرحوم مير علي مراد خان ٽالپر جي خيرپور جي تاريخي فيض محل ۾ ٽيهين جي تقريب منعقد ٿي مرحوم هز هائينس مير علي مراد خان ٽالپر 1947ع ۾ خيرپور

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

# گمبٽ ويجهو اسڪول ويندڙ شاگردن جي ٻن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر، هڪ فوت ٻه زخمي

جهنڊا شاخ اسٽاپ پرسان پراڻي نيشنل هاءِ وي حادثي ۾ 15 ورهين جي وفا عباس گوپانگ ٿڏي تي دم ڏنو

حادثي جي زخمي 14 ورهين جي عامر ٻگهيو، 15 ورهين جي علي مهدي گوپانگ ۽ لاش کي گمس اسپتال منتقل ڪيو ويو

معصوم نينگر جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارث گهر ڪٽائي پهتا ته ڪهرام مچي ويو

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ڪانوري) گمبٽ لڳ جهنڊا شاخ اسٽاپ پرسان پراڻي نيشنل هاءِ وي روڊ تي اسڪول ويندڙ شاگردن جي ٻن موٽر سائيڪلن ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ 15 سالا شاگرد وفا

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

## ٽالهي ويجهو ٽي مهينا اڳ فوت ٿيل نوجوان جي عدالتي حڪم تي قبر ڪشائي

علي رضا ڪشڪوري جي درخواست تي غلام مصطفيٰ شيخ جي قبرڪشائي ڪرائي وئي

پوليس سرجن جي اڳواڻي ۾ ٽيم پاران قبر ڪشائي ڪري ليبارٽري لاءِ جزا ورتا

ٽالهي (ن ع) ٽالهي ۾ ٽي مهينا اڳ پراسرار نموني فوت ٿيل نوجوان غلام مصطفيٰ شيخ جي سول جج ڪنري جڻه سورج جي نگراني هيٺ حيدرآباد کان ڊاڪٽر وسيم خان پوليس سرجن ۽ ڊاڪٽر عبدالصمد جي اڳواڻي ۾ ٽيم پهچي قبر ڪشائي ڪري ليبارٽري لاءِ جزا ورتا، انهي سلسلي ۾ پوليس سرجن ڊاڪٽر وسيم خان ٻڌايو ته اسان عدالتي حڪم تي هتي پهتا آهيون نوجوان جي قبر ڪشائي ڪري جزا ورتي چڪا آهن ليبارٽري مان رپورٽ اچڻ بعد اسان پنهنجي فائنل رپورٽ جاري ڪنداسين جڏهن ته نوجوان جي پراسرار نموني

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ ٽرڪ پويا ڪاريگر پينٽنگ ڏاهي رهيو آهي

## خانپورمهر ۾ پيرسن جو بااثر ماڻهن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

خانپورمهر (ن ع) جروار پرسان داد لغاري ڳوٺ جي حد ڳوٺ گودو ڳبول جي رهواسي پيرسن صادق علي ڳبول پنهنجي زرعي زمين تي مبينا قبضي ۽ بااثر ماڻهن جي مبينا زيادتين خلاف خانپورمهر پهچي احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙ پيرسن صادق علي ڳبول جو چوڻ هو ته سندس 10 ايڪڙ زرعي زمين تي علي نواز ولد يار محمد ڳبول عابد علي ولد فتح علي ڳبول مختيار ولد يار محمد ڳبول يونس

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پ پ اسٽيوڊنٽ ايمپلائيز يونين جي نون عهديدارن کا حلف وٺرائي پيو وڃي

اسلام آباد: بحرين جو پرڏيهي وزير تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

## ننگرپارڪر ويجهو جيپ جي ٽڪر ۾ معصوم نينگر فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ پورڻ واهه وٽ پيش آيل حادثي ۾ 6 ورهين جو اڪشي ڪولهي فوت ٿي ويو

ننگرپارڪر (ن ع) لڳ ڳوٺ پورڻ واهه ۾ تيز رفتار لانگ جيپ جي ٽڪر ۾ ڪولاڙيچي واسي 6 سالن جو معصوم نينگر اڪشي ولد آڪاش ڪولهي فوت ٿي ويو ٻڌايو وڃي ٿو ته معصوم نينگر ماڻهن سان گڏ ننگرپارڪر آيل هو لانگ جيپ ننگرپارڪر جي ڳوٺ ڪارسر جي ڪنبار برادري جي ٻڌائي وڃي ٿي معصوم نينگر جي ماڻهن گاڏي مالڪ کي خون بخش ڪري ڇڏيو

## خيرپور ۾ ٽنڊومستي واسي ڳوٺاڻن جو بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺ مبارڪ ورڪ واسين نعيم، مشتاق، فياض ورڪ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

علائقي جا بااثر ٻن ڌرين ۾ جهيڙا ڪرائي مالڪين تي قبضا ڪري رهيا آهن، نوٽيس ورتو وڃي

خيرپور (ڊ ر) ٽنڊو مستي ٿاڻي جي حد ڳوٺ مبارڪ علي ورڪ جي رهواسين نعيم مشتاق ورڪ، مشتاق احمد ورڪ، فياض احمد، زاهد پرويز ورڪ، شاهد پرويز ورڪ، اعجاز احمد ورڪ سجاد ورڪ، علي رضا ورڪ، ڪامران ورڪ، وسيم ميرڪ ۽ فهيم ورڪ پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري پنهنجي ۽ خاندان جي جان مال ۽ ملڪيت جي تحفظ لاءِ اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته علائقي جي بااثر شخص مبينا طور مختلف معاملن ۾ ملوث ماڻهن جو سهولتڪار

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

## عمرڪوٽ بار ايسوسيئيشن پاران ڪنري ۾ وڪيل تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

وڪيلن پاران ايس ايس پي سهائي عزيز ٽالپر کي هٽائڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي وئي

ٽاليواري وڪيل سرائي رحيم خاصخيلي تي داخل ڪيس خلاف بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو ويو

عمرڪوٽ (ڊ ر) ٽاليواري وڪيل سرائي رحيم خاصخيلي تي ڪنري ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل، وڪيلن ۽ پوليس ۾ اختلاف تيز، عمرڪوٽ بار جي وڪيلن جو احتجاج، ايس ايس پي سهائي عزيز ٽالپر کي هٽائڻ لاءِ جدوجهد شروع، پوليس اهلڪار عدالت ۾ نه اچڻ جو چتاءُ ڪوڙي ايف آءِ آر نامنظور قرارداد پاس 9 آڪٽوبر تي هڙتال جو اعلان ٽاليواري وڪيل سرائي رحيم خاصخيلي تي ڪنري ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ٿيڻ تان عمرڪوٽ جي وڪيلن ۽ پوليس ۾ اختلاف تيز ٿي ويا ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن عمرڪوٽ جي جنرل باڊي،

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ايم اين اي محمد قاسم سراج سومرو سنڌ يونيورسٽي جو دورو ڪري رهيو آهي

## ڪوٽڙي ۾ ريلوي انتظاميا جو آپريشن ڪيترائي گهر ڊاهي پٽ، متاثرن جون احتجاج

درياهه بند وٽ سنڌ حڪومت پاران برسات متاثرن کي مليل فنڊ مان تعمير ڪرايل گهر ڊاٺا ويا

متاثرين پاران معاملي جو نوٽيس وٺي کين متبادل رهائش يا قانوني تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي جي درياهه بند وٽ سنڌ حڪومت پاران برسات متاثرن کي مليل فنڊ مان تعمير ڪرايل گهر ريلوي انتظاميا پاران حدخليون ڄاڻائي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا ويا گهر ڊاهڻ ڪانپوءِ برسات متاثرن چيو ته هو سڄي زندگي ڇيرا اڏي ويٺل هئا، سنڌ حڪومت پاران مالي مدد ملڻ تي خوش ٿيا هئاسين ته هاڻي پنهنجن ٻچڙن لاءِ ڇت جي ڇانو نصيب ٿيندي، پر ريلوي انتظاميا اوچتو اچي سنڌن گهر ڊاهي ڇڏيا، جنهن سبب هو بيهر کليل آسمان هيٺ اچي ويا آهن متاثرين سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

## ننگرپارڪر ۾ 6 ڏينهن اڳ ۾ بدفعلي جو نشانو بڻجندڙ نوجوان جو ڪيس داخل

پوليس نوجوان سومار جي فرياد تي پرائمري استاد نظير ۽ لڪاڏنو خاصخيلي خلاف ڪيس داخل ڪيو

پوليس هڪ جوابدار لڪاڏنو خاصخيلي کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر ۾ 6 ڏينهن اڳ ۾ مبينا بدفعلي جو نشانو بڻجندڙ 22 سالن جي نوجوان سومار خاصخيلي جي فرياد تي ننگرپارڪر پوليس ٻن جوابدارن پرائمري ماسٽر نظير احمد خاصخيلي ۽ لڪاڏنو خاصخيلي خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي پوليس پاران ڪيس ۾ گهربل ڄاڻايل لڪاڏنو خاصخيلي کي واقعي واري ڏينهن گرفتار ڪري ورتو هو جڏهن ته پرائمري ماسٽر نظير خاصخيلي واقعي ڪانپوءِ منظر تان غائب ٿي ويو آهي واقعي بعد ٻنهي ڌرين ۾ سياسي پوتارن جي اڳواڻي ۾ ڳالهيون هلندڙ هيون پر ڳاهه نه

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

باڊهه: ايس ڪي بي پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

## سکر جي خانگي اسپتال جي ڇت جو ملبو ڪرڻ سبب مريضن سميت 7 ڄڻا زخمي

سٽي هيلٿ اسپتال ۾ ڇت ڪمزور ٿيڻ سبب پلستر، ڇت ۽ ملبو اوچتو ڪري پيو

علائقي واسين زخمي ثناءُ الله، عائزه، آسيه، زاهد علاج لاءِ ٽراما سينٽر منتقل ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) سول اسپتال روڊ تي واقع خانگي سٽي هيلٿ اسپتال ۾ پلستر، ڇت ۽ ملبو اوچتو ڪرڻ سبب مريض ۽ ان جا ملازم سميت ست ماڻهو زخمي ٿي پيا. واقعي کان پوءِ اسپتال ۾ خوف پکڙجي ويو جڏهن ته ريسڪيو 1122 جون ٽيمون فوري طور تي موقعي تي پهچي زخمين کي ملبي مان ڪڍي طبي امداد فراهم ڪئي ذريعن موجب اسپتال جي ڇت ڪمزور ٿيڻ سبب پلستر ۽ ڇت جو هڪ حصو اوچتو هيٺ ڪري پيو جنهن جي نتيجي ۾ اسپتال ۾ موجود مريض ۽ انهن جا ملازم متاثر ٿيا. حادثي کان پوءِ ريسڪيو

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

## فيض گنج لڳ پنهيرا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو، ست ڄڻا زخمي

ڳوٺ علي بخش پنهيرو واسي ڌرين ۾ زميني تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو

زخمي عبدالمجيد، عبدالله، عبدالڪريم، ثناءُ الله ۽ ٻين کي اسپتال نيو ويو

فيض گنج (ن ع) فيض گنج ڳوٺ علي بخش پنهيرو ۾ زميني تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 7 ڄڻا زخمي اڪري چوڏگي ٿاڻي جي حد ڳوٺ علي بخش پنهيرو ۾ پنهيرا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين کي فيض گنج جي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي زخمين ۾ ۾ هڪ ڌر جا 6 ڄڻا

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

# گولاڙچي ويجهو سوزوڪي پڪ اپ ۽ رڪشا ۾ ٽڪر سبب عورت فوت، ڊرائيور سميت 5 زخمي

بچل واڙ وٽ پيش آيل حادثي ۾ 35 ورهين جي جيٺي زال نارائڻ ڪولهي ٿڏي تي دم ڏئي ڇڏيو

حادثي ۾ زخمي 5 ڄڻن ۽ لاش کي اطلاع تي پوليس ۽ علائقي واسين ڪٽائي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، زخمي نارائڻ کي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

گولاڙچي (رپورٽ: امان ميمڻ) گولاڙچي لڳ بچل واڙ وٽ سوزوڪي پڪ اپ ۽ رڪشا ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 35 سالا جيٺي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

پشاور: هڪ ناري بورڊ تي پنهنجا تاثرات لکي رهي آهي

## پيرگوٺ ويجهو وڏيري کان ڦرلٽ جا جوابدار گرفتار ڪرڻ خلاف احتجاج

مظاهرين نسيم احمد ابڙو غلام مهدي ابڙو سيد منصور علي شاهه ۽ ٻين احتجاج ڪيو

نسيم ابڙو کان روڪ رقم ۽ سامان ڦريندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

گمبٽ (ت ر) پيرگوٺ لڳ ڪانهر سوڙ اسٽاپ پرسان وڏيرو نسيم احمد ابڙو ٻين کان هٿياربند ڦورن پاران يرغمال بڻائي روڪ رقم موبائل فون لائسنس وارو پسٽل ڦر ڪندڙ جوابدار هڪ مهينو گذرڻ باوجود گرفتار نه ڪري سگهيا جڏهن ته ڦر واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ وڏيرو نسيم احمد ابڙو غلام مهدي ابڙو سيد منصور علي شاهه راشدي سيد مسعود شاهه راشدي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پيرجوگوٺ جي اناج منڊي وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن جو چوڻ هو ته وڏيري نسيم احمد ابڙو ۽ ٻين کان وڌيڪ روڪ رقم ۽ لائسنس وارو پسٽل ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا جنهن واقعي کي هڪ مهينو گذري ويو آهي پر هن وقت

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

## احمدپور ويجهو عورت جو رڪو موٽر سائيڪل ۾ ڦاسڻ سبب چار ڄڻا زخمي

پيرگوٺ لنڪ روڊ تي حادثي ۾ زخمي ارم، علي رحمان محسن ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

گمبٽ (ت ر) احمدپور لڳ ڳوٺ وسطڙو جي رهواسين سان احمدپور، پيرگوٺ لنڪ روڊ تي حادثو پيش آيو آهي حادثي دوران عورت جو رڪو موٽر سائيڪل جي چين ۾ اوچتو ڦاسڻ سبب عورت ارم وسطڙو سندس معصوم ٻار علي رحمان ۽ ٻن مردن محسن وسطڙو ۽ برڪت وسطڙو سميت چار ڄڻا موٽر سائيڪل تان ڪرڻ سبب سخت زخمي ٿي پيا آهن زخمين کي پير جو ڳوٺ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي سندن علاج جاري آهي

حيدرآباد: آنلائن انڊس پاران ڪرايل مذاڪري کي ڊاڪٽر قادر مگسي خطاب ڪندي

# راڻيپور واسين جو شهري کان موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦرلٽ خلاف ٿاڻي آڏو احتجاجي ڌرڻو

بودلہ روڊ نجي اسڪول پرسان 4 موٽرسائيڪلن سوار هٿياربند شهري عبدالعزيز عباسي کان ڦرلٽ ڪري فرار ٿي ويا

واقعي خلاف ايڊووڪيٽ اسد علي راڄپر، توقير چانڊيو عبدالعزيز راڄپر ۽ جي اڳواڻي ۾ ٿاڻي آڏو ڌرڻو هنيو

ايس ايڇ او جوابدارن جي گرفتاري ۽ سامان واپسي لاءِ هڪ ڏينهن جي مهلت وٺي احتجاج ختم ڪرايو

راڻي پور (رپورٽ: عبدالخالق ڳلال) راڻيپور ۾ ڦر جي واردات، نامعلوم هٿياربند ٽئين موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون ڦري ڪري فرار شهرين جو ٿاڻي جي مين گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو هڪ ڏينهن جي مهلت

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

## ڪراچي ۾ بلڊنگ جي ٽائين منزل تان هيٺ ڪرڻ سبب 55 سالن جو شخص فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ آءِ آءِ چنڊ ريگر روڊ جي ويجهو بلڊنگ جي ٽائين منزل تان اوچتو ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ 55 سالن جو شخص ظفر مسيح ولد حيدر مسيح فوت ٿي ويو آهي متوفي جو لاش ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

لاهور: هڪ سائيڪل تي نوجوان پکين جا آکيرا وڪرو ڪري رهيو آهي

## ڏڪول بلاڪ ون جي پاور پلانٽ ۾ سلينڊر ڦاٽڻ سبب باهه، ٻه پوڙهيت سڙي مرڻينگ

ڳوٺ پاري جو ٽڙ واسي پوڙهيت صحبت خاصخيلي ۽ ملي واسي جڻ ڪمار سوٿهڙ سخت زخمي ٿي پيا

ٻنهي پوڙهيتن کي ڳنڀير زخمي حالت ۾ وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي اسپتال منتقل ڪيو ويو

اسلام ڪوٽ (ن ع) ڏڪول بلاڪ ون جي پاور پلانٽ ۾ سلينڊر ڦاٽڻ سبب اوچتو باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ ٻن پوڙهيتن جي سڙي سخت زخمي ٿيڻ جو واقعو پيش آيو آهي ذريعن موجب باهه جي واقعي ۾ ڳوٺ پاري جو ٽڙ واسي پوڙهيت صحبت خاصخيلي ۽ ملي واسي جڻ ڪمار سوٿهڙ سخت زخمي ٿي پيا، جن کي شروعاتي طبي امداد لاءِ ملي اسپتال منتقل ڪيو ويو ڊاڪٽرن موجب ٻنهي پوڙهيتن جو جسم سخت سڙي ويو آهي هڪ پوڙهيت جو لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو ۽ ٻئي جو 50 سيڪڙو جسم سڙيل ٻڌايو وڃي ٿو ٻنهي جي حالت

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

# ڄامشورو ايپڪس ڪميٽي جو اجلاس ڏوهارين ۽ غيرقانوني سرگرمين خلاف ڪارروائيون تيز ڪرڻ جو حڪم

ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ امن امان جو جائزو ورتو ويو

هاءِ وي تي گاڏين جي چيڪنگ، غيرقانوني پوائنٽن ختم ڪرڻ ۽ ٽريفڪ قانونن تي سخت عمل جو حڪم

غير رجسٽرڊ مدرسن، ڪٽڪ ذخيره اندوزي، بجلي چوري ۽ ڪنڊا مافيا خلاف ڪارروائين سخت ڪرڻ جي هدايت

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ: نعيم اختر سومرو) نيشنل ايڪشن پلان تحت قائم ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن اپيڪس ڪميٽي جو اهم اجلاس ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ ڊي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

## ٽنڊوالهيار ۾ ڏينهن ڏٺي جو گهر تي ڪاهه، 50 لکن کان وڌيڪ ماليت جي ڦرلٽ

پاڪستان چوڪ وٽ واپاري ٽلسي داس ديوان جي گهر ۾ هٿياربندن چڙهائي ڪري گهرڀاتين کي يرغمال بڻايو

جوابدار سونا زيور، ڪيش رقم ۽ موبائيلون ڦر ڪري فرار ٿي ويا، پوليس پاران جاچ شروع

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار شهر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد پاڪستان چوڪ ۾ ڪاروباري شخصيت ٽلسي داس ديوان جي گهر ۾ نامعلوم ڦورو گهر ۾ داخل ٿي گهرڀاتين کي هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري سونا زيور، ڪيش رقم ۽ موبائيلون ڦر ڪري فرار ٿي ويا اطلاع تي اي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ تفصيل معلوم ڪيا ان موقعي تي ٽلسي داس ماما رتن لال ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان گهر ۾ ويٺا هئاسين ته گهر ۾ هڪ عورت ۽ 2 مرد داخل ٿيا جن هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري سونا زيور.

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

## ڏگهڙي ۾ ماتلي واسي جو ڪوڙن ڪيسن جي خاتمي ۽ تحفظ لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ڪوڙن ڪيسن جي خاتمي جاني ۽ مالي تحفظ ۽ بااثر ماڻهن خلاف ڪارروائي جي مطالبي لاءِ ماتلي واسي ارشد بوزدار جو ڏگهڙي پريس ڪلب تي احتجاج ڏگهڙي پريس ڪلب تي ڳوٺ علي محمد بوزدان تعلقو ماتلي ضلع بدين جي رهواسي ۽ زميندار ارشد بوزدار احتجاج ڪندي وزيراعليٰ سنڌ، اعليٰ اختيارين ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد کي ايم سي آفيس ۾ لڳل بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو دورو ڪري رهيو آهي

## دادو پوليس پاران خون جي ڪيسن ۾ گهربل ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ميهڙ (ن ع) ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن تي ايڪٽو ۽ روپوش ڏوهارين خلاف دادو پوليس جون ڪاروايون جاري آهن ڪامياب ڪاروايون دوران ايس ايڇ او ميهڙ اي سيڪشن جي اڳواڻي ۾ پوليس مختلف هنڌن تي ڪاروايون ڪري ڊبل مرڊر ۽ ڪوشش خون جي ڪيسن ۾ گهربل ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

## خيرپور ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آفيس ۾ مبينا ڪرپشن جون شڪايتون

عورتن کان ڪارڊ سروي جي نالي تي هزار کان ٻه هزار رقم وصول ڪئي وڃي ٿي: شهري

معاملن جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آفيس ۾ مبينا ڪرپشن جون شڪايتون بيواهه عورتن کان سروي جي نالي تي رقم وٺڻ جو انڪشاف بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي لاڳاپيل آفيس ۾ مبينا طور ڪرپشن ۽ غيرقانوني وصولين جون شڪايتون متاثر عورتن ۽ شهرين جو چوڻ آهي ته بيواهه ۽ غريب عورتن کان ڪارڊ سروي جي نالي تي مبينا طور هڪ هزار کان ٻه هزار رپيا ناجائز رقم وصول ڪئي وڃي ٿي شڪايت ڪندڙ عورتن جو چوڻ آهي ته عملو اسان کان پيسا وٺي رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته مهنگائي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

## سکر واسين جو نجي بينڪ عملي جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي شهرين ايم سي بي بينڪ بئراج روڊ برانچ خلاف بينڪ جي مين گيٽ اڳيان احتجاج ڪري بينڪ جي عملي خلاف زوردار نعري بازي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

# ڏگهڙي ۾ ذهني معذور نوجوان سان جوابدارن پاران مبينا بدفعلي جي ڪوشش، هڪ گرفتار

وارڊ نمبر هڪ ۾ 21 ورهين جي فرحان خاصخيلي سان جوابدار نديم مغل بدفعلي ڪوشش ڪئي

پوليس نوجوان جي والد رسول بخش جي فرياد تي ڪيس داخل ڪري جوابدار کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪئي

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي جي وارڊ نمبر هڪ ۾ 21 ورهين جي (اسپيشل) نوجوان سان مبينا بدفعلي جي ڪوشش جي الزام هيٺ ڏگهڙي پوليس هڪ شخص خلاف ڪيس داخل ڪري ڪيس گرفتار ڪري ورتو تفصيل

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: زخمي شخص کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

## ڪوٽڙي ۾ زرعي توسيع کاتي ڊيپوٽيشن تي ٻئي کاتي جي آفيسر جي مقرري خلاف مظاهرو

آفيسرن ۽ ملازمن پاران ڊائريڪٽر جنرل جي عهدي تي ڊيپوٽيشن تي مقرري خلاف احتجاج ڪيو ويو

کاتي جي سينيئر آفيسرن کي نظرانداز ڪرڻ سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي ڀڃڪڙي آهي: اڳواڻ

ڪوٽڙي (ن ع) زرعي توسيع کاتي ڄامشورو جي آفيسرن ۽ ملازمن پاران ڊائريڪٽر جنرل جي عهدي تي ڊيپوٽيشن تي ٻئي کاتي جي آفيسر جي مقرري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جي اڳواڻي ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت ڄامشورو ڊپٽي ڊائريڪٽر منظور بروڙو عامر اقبال امتياز ٿيٻو ۽ حاڪم سيال ڪري رهيا هئا. مظاهرين احتجاج ڪندي سخت نعريبازي ڪئي. اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت پاران زرعي توسيع کاتي حيدرآباد جي ڊائريڪٽر جنرل واري عهدي تي ريسرچ ڊپارٽمينٽ جي مظهرالدين ڪيريو کي اضافي چارج

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

## سيوهڻ ويجهو پٽڙي ڪراس ڪندڙ ذهني معذور نوجوان ٽرين جي ٽڪر لڳڻ سبب مرڻينگ

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ ويجهو لال باغ پرسان موهن جو دڙو ايڪسپريس ٽرين جي ٽڪر لڳڻ سبب پٽڙي ڪراس ڪندڙ ذهني معذور نوجوان وسيم ولد محمد رمضان پنڊ زخمي ٿي پيو نوجوان ٻوڙو ۽ گونگو آهي جيڪو پنهنجي گهر طرف وڃي رهيو هو ته ريل جي پٽڙي ڪراس ڪندي سانس اهڙو حادثو پيش آيو هوشاهن زخمي نوجوان کي ايمرجنسي وارڊ ۾ طبي امداد

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪوئيٽا: هڪ دڪان تي ڪمبل وڪرو ڪيا پيا وڃن

## گولاڙچي ۾ عائيشه فيلڊ واري رستي جي مرمت نه ٿيڻ خلاف رهواسين جو ڌرڻو

رهواسين ملڪ اختر نياز ڏانڊل، اصغر پٺاڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڳرين گاڏين جي آمدورفت کي نظر ۾ رکندي رستي کي پائيدار بنيادن تي تعمير ڪيو وڃي

گولاڙچي (ن ع) گولاڙچي پرسان عائيشه فيلڊ واري رستي جي ڏکيئي عرصي کان مرمت نه ٿيڻ خلاف گولاڙي جي سوين رهواسين احتجاج ڪندي روڊ بند ڪري ڌرڻو هڻي ڇڏيو جنهن ۾ ملڪ اختر نياز ڏانڊل اصغر پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ڌرڻي ۾ تي احتجاجي ڪيمپ ۾ قائم ڪئي وئي آهي مقامي رهواسين جو چوڻ آهي ته عائيشه فيلڊ واري رستي تان فيلڊ جون وڏيون گاڏيون ۽ سي اين جي جا ٽينڪر روزانو اچ وڃ ڪن ٿا عائيشه فيلڊ سان سي اين جي پريل ٽينڪر سڄي سنڌ ۾ جاري آهي جڏهن ته مظاهرين پاران رستي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

## سکر ۾ ريلوي انتظاميا جي زيادتين خلاف رهواسين جو احتجاج

واري ٿڙ، آدم شاهه ڪالوني ۽ ريلوي لائين جي رهواسين احتجاج ڪيو

ٽرين ڏينهن جي نوٽيس تي گهر خالي ڪرڻ مشڪل آهي، انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) واري ٿڙ آدم شاهه ڪالوني ۽ ريلوي لائين جي رهواسين سردن ۽ عورتن ريلوي انتظاميا ۽ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين ريلوي انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪندي مطالبو ڪيو ته ڏگهي عرصي کان آباد غريب خاندانن کي بي دخل ڪرڻ وارو

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

## گولاڙچي ويجهو گوني ۾ ٻڏي ويل جيٺمل ڀيل جو لاش ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ هيٺ ڪري ورتو

گولاڙچي (ن ع) گوني ڪئنال ۾ ٻڏي فوت ٿيل 16 ورهين جي جيٺمل ڀيل جو لاش ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت صبح جو ڳولي ڪڍي ورتو لاش کي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ تعلقي اسپتال گولاڙچي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

# سکر ويجهو ٽائر ساڙڻ ۽ پائيرولائسز پلانٽس جون اڻ کان وڌيڪ غيرقانوني فيڪٽريون قائم

اروڙ ۽ پٽڻي وارن علائقن ۾ زهريلي دونهين ۽ بدبو سبب ڪيترائي ڳوٺاڻا مختلف بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا

لاڳاپيل ماحولياتي ادارن ۽ پوليس جي خاموشي سبب فيڪٽريون بنا ڪنهن خوف جي هلي رهيون آهن: رهواسي

غيرقانوني پائيرولائسز پلانٽس خلاف فوري ۽ بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ڪري بيمارين کان بچايو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پاران ٽائر ساڙڻ ۽ پائيرولائسز پلانٽس خلاف پابندي باوجود سکر جي اروڙ ۽ پٽڻي وارن علائقن ۾ مبينا طور اڻ کان وڌيڪ غيرقانوني ٽائر ساڙڻ ۽ پائيرولائسز پلانٽس سرگرم هجڻ جو

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

## ڪيرو ۾ ڪاهي واسي ڳوٺاڻي جو گهر تي حملي ۽ تشدد ٿيڻ خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

ڪيرو (ن ع) ڪيرو ويجهو ڪاهي شهر جي رهواسي واحد بخش ولد مهران سري ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي ۽ دانهيندي چيو ته مون جي گهر تي ڪاهه جي اظهر ارسلان حملو ڪري رقم کڻي ويا هن چيو ته مون تي مزاحمت تي مون تي تشدد ڪيو ويو جنهن جي رپورٽ ڪاهي ٿاڻي تي داخل ڪرائڻ وئي آهي هن مطالبو ڪيو ته ڪاهي پوليس جي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ايئرپورٽ روڊ تي گٽر جو پاڻي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.